
A COMPREHENSIVE NEWS & FAMILY MAGAZINE
ویج
Monthly WAIJ Karachi
ABC CERTIFIED
Registration No.3149
January- 2026
APNS MEMBER
Happy
2026
New Year


CARLTON
THE NEW FACE OF BUSINESS
CARLTON
LUGGAGE UK
(www.thenewslark.com)
WWW.CARLTONTRAVELGOODS.COM



ملڪي حالتن ۾ وڌندڙ مهانگائيءَ مان ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته حڪمرانن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن اهو فيصلو ڪري ورتو آهي ته عوام کي ڪنهن به صورت ۾ ناهي ڇڏڻو ۽ عوام جو سمورو رت ست ماڻهو انڪار ڪري وجهن ۽ ڪجهه به ڏيڻ وٺڻ بند ڪري ڇڏين ته هي سمورا حڪمران ۽ طاقتور طبقا نه صرف عيش عشرت کان محروم ٿي وڃن، پر بک به مرڻ لڳن. ان جي باوجود عوام کي بخش نه ٿو ڪيو وڃي. ماڻهن کان سڪون ۽ جيئڻ جو حق به کسڻ جي مڪمل سازش ۽ ڪوشش ٿي رهي آهي. ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته هر شيءِ مهانگي ڪرڻ کان پوءِ هاڻي آڪسيجن ۽ ساهه کڻڻ تي به ڪو ٽئڪس مڙهيو ويندو، نه ته پلا ڪهڙي تڪ آهي، جو هر روز مهانگائيءَ ۾ اضافو ڪيو وڃي ٿو. ڪڏهن بجلي مهانگي ٿئي ٿي ته ڪڏهن وري گئس جي اگهن کي باهه لڳائي وڃي ٿي. تيل جون قيمتون ڪيترائي ڀيرا وڌايون ويون آهن. هاڻي وري

# اٽي جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي!

چوسي ڪڍٽو آهي. اهي طاقتور طبقا پنهنجي اقتدار ۽ دولت جي نشي ۾ اهو به وساري چڪا آهن ته جيڪو ڪجهه به موجود آهي، اهو عوام جي خون پگهر جي ڪمائيءَ جي ڪري موجود آهي. حڪومتي ايوان به عوام جي پئسي مان ٺهيل آهن ۽ حڪمران جيڪي مراعتون ۽ مزا ماڻي رهيا آهن، اهو سڀ ڪجهه به عوام طرفان ڏنل ٽئڪس منجهان ئي ڪيو پيو وڃي. اهڙي طرح جيڪي به ڪارخانا آهن ۽ جيڪو به ڪاروبار آهي، اهو سمورو چرخو خلق خدا جي تعاون سان هلي رهيو آهي. جيڪڏهن




اٽي جي اگهن ۾ مسلسل اضافو ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح کنڊ ۽ عام استعمال ٿيندڙ شيون ڪيترائي ڀيرا مهانگيون ٿي چڪيون آهن. هي سڀ ڪجهه اهڙي نموني ڪيو پيو وڃي، ڄڻ ته ڪا ڳالهه ٿي ئي نه هجي. دنيا ۾ ائين بلڪل به نه ٿيندو آهي، جيڪو اسان وٽ ٿي رهيو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه حڪمرانن جي سنگين نااهليءَ جو نتيجو آهي، جن پاڻ طئه ڪري ورتو آهي ته عوام مان جيترو به سَتُ نڪري سگهي اهو ڪڍٽو آهي. نتيجي طور ڪامورا به ڦرلٽ ڪري رهيا آهن ۽ ڪاروباري ماڻهو پنهي هٿن سان عوام کي لٽي رهيا آهن.





اسان جو ننڍڙو سوال هي آهي تہ عوام کي ڏنوچا وجي توجو ايترو کسيو وڃي ٿو؟ گذريل ڪجهہ عرصي ڪان وٺي اٽي جي قيمت ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو ويو آهي، جيڪو عوام سان ظلم ڪيو پيو وڃي. ڪجہ ئي ڏينهن ۾ اٽي جي في ڪلو قيمت 140 روپين ڪان 150 روپيا ٿي چڪي آهي. جيڪا پڻ تمام گهڻي آهي، پران ۾ بہ اضافو ڪيو ويو آهي. ڪراچي سميت سڄي سنڌ منجهان اهي اطلاع ۽ خبرون آهن تہ اٽو في ڪلوتي 95 روپيا مان وڌائي 140 ۽ 150 روپيا تائين پهچايو ويو آهي. جنهن سان عوام جون دانهون ڪوڪون نڪري ويون آهن. پنجاب ۾ پڻ اٽي جي اگهن ۾ وڏي پيماني تي اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري هوٽلن تي ماني مهانگي ٿي وئي آهي ۽ ڊبل روٽي جي اگهن ۾ بہ واڌ ڪئي وئي آهي. پنجاب جي فلور ملز مالڪن جو چوڻ آهي تہ حڪومت اسان کي ڪو بہ رليف نہ ٿي ڏئي، جنهن ڪري اسان اٽو مهانگو ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون. جيستائين سبسڊي نہ ڏني ويندي، تيستائين اگهہ گهٽ نہ ڪنداسين. اهڙي طرح ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي سان سڄي ملڪ ۾ افراتفري مچي وئي آهي ۽ محسوس ائين ٿي رهيو آهي تہ هاڻي شيون ۽ حالتون حڪومت جي ڪنٽرول مان نڪري رهيون آهن، اهو تڏهن ئي ٿيندو آهي، جڏهن حڪومت پاڻ عوام سان دشمني وارو ورتاءُ ڪندي آهي. اسان بنا ڪنهن رک رکاءُ جي چئون ٿا تہ موجوده حڪومت جڏهن ڪان اقتدار ۾ آئي آهي تہ ان عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جو عوام سان رويو بلڪل بہ دشمنن وارو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن ڪجهہ مهينن جي عرصي دوران ملڪ اندر رڪارڊ مهانگائي ٿي آهي، جنهن سان لکين ڪروڙين غريب خاندان نپوڙجي ويا آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ حڪومت پنهنجو طريقو تبديل ڪري، عوام جو استحصال بند ڪيو وڃي. اٽو مهانگو ڪندڙ کي گرفتار ڪيو وڃي، ملڪ جون جيڪي موجوده حالتون آهن ۽ جنهن قسم جي معاشي بدحالي آهي تہ اٽي جو اگہ 50 ڪان 55 روپيا في ڪلو هجڻ گهرجي. وقت اچي ويو آهي تہ حڪومت، سرمائيدار، جاگيردار ۽ طاقتور طبقا عوام کي ڦرڻ بدران ڪجهہ ڏيڻ شروع ڪن، نہ تہ عوام ڇڙي پيو تہ سڄو چرخوئي چوپٽ ٿي ويندو

farooqburiro9@gmail.com



مهانگائي ۽ بي روزگاري پنهنجي انتها تي پهچي چڪي آهي. حڪمرانن ڪان پنهنجا قائد ۽ پارٽي نظريو وسري ويو آهي. اهو ئي سبب آهي ته ستاويهه ڊسمبر واري ڳڙهي خدا بخش جي جلسي ۾ بين ڪان ته ٿهيو پر بلاول ڀٽو ڪان به پنهنجي شهيد امڙ ۽ سندس قربانين توڙي قاتلن جي منطقي انجام تي پهچڻ يا نه پهچڻ وارو ذڪر ئي وسري ويو هو. هن جي تقرير جو محور عمران خان ئي رهيو ۽ اها ئي روايت سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ ڀٽي جي سالگرهه تقريبن ۾ ورجائڻ جي ڪوشش طور نڪري نروار ٿي آهي. سو ڳالهه اها آهي ته، جڏهن قيادتن ڪان پنهنجا پارٽي نظريا، هيروز ۽ منشور وسري ويندا آهن ته، رڳو خزانن جي لٽ ڦرياد رهندي آهي. پيپلز پارٽي هجي يا ڪا ٻئي پارٽي ۽ سنڌن اڳواڻ، ڪين عوام سان ڪا همدردي ۽ غرض ناهي. هنن کي پنهنجي مفادن سان مطلب آهي، پنهنجي ذاتي لوڙ آهي، اٽو 150 روپئي ڪير 200 روپئي بصر 300 روپئي ۽ ڪڪڙ 600 روپئي وڪامجي ته پلي وڪامجي. ماڻهو بي روزگاري ۽ مهانگائي ڪان بيزار ٿي خودڪشيون ڪن ته پل ڪن. سنڌ اڳ ڪان به وڌيڪ بدتر ۽ بدحال ٿي ته پلي ٿي، هنن جي صحت تي ڪو فرق ناهي پوڻو. سنڌ جي وڏي وزير چار پنج ڏينهن اڳ برسات متاثر ماڻهن لاءِ 20 لک گهر ٺهرائي ڏيڻ جو بيان ڏنو آهي. اهي ڪنهن کي ملندا، ڪڏهن جڙي راس ٿيندا يا انهن جي ورچ ڪهڙي اهليت جي بنياد تي ٿيندي، سو سڀ ڪو ڄاڻي ٿو. ڳالهه اها آهي ته، حڪمرانن جي اها من ماني ان ڪري به وڌندي آئي آهي. ڇو ته انهن جو پيٽ اسان ڀرايو آهي. ڪرپٽ ڪامورن ۽ وڏيرن جي غلامي ۽ اثر ڪان پاڻ جيستائين آزاد نه ٿينداسين، تيستائين اسان جي ذِلتن ۽ محرومين مان جِندُ آجي نه ٿيندي. اسان کي پنهنجي حالتن بدلائڻ لاءِ پاڻ کي ئي اڳتي وک وڌائڻي پوندي، تڏهن ئي وڃي ڪا ڇوٽڪاري جي راهه نصيب ٿيندي .




Italiano®
Permanent Hair Colour Cream
Colour Your Life
Esha Gupta
✓ Gives strength to hair
✓ Soft and glossy hair
✓ Even coverage
✓ No greys
01 Natural Black
02 Dark Brown
10 Blue Black
06 Ash Blonde
08 Burgundy
05 Hazel Blonde
Italiano®
Permanent Hair Colour Cream
Free Developer Inside
Nourishment for Hair
with Silk Protein Vit. E & Conditioner
Nourishment for Hair With Silk Protein, Vitamin E & Hair Conditioner
*Available in 10 Different Shades




# اسٽيبلشمينٽ جي آهه! ڪمبل نه ٿو ڇڏي

**تاريخ** جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ ڄاڻان ٿو ته تاريخ جو ڦيٿو هميشه اڳتي ڦرندو آهي. ان کي پٺتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪندڙ هميشه ڇيتاڙجي ويندو آهي. اسان جي 75 ورهين جي سياست ۾ به تاريخ جي ڦيٿي کي اڳتي ڦرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. اسان تاريخ صرف ان کي قبول ڪيو جيڪا درٻارن ۾ لکي وئي. مطلب ته اسان جا ڪارناما ته لکيا ويا پر اسان جيڪي ويساهه گهاتيون ڪيون انهن کان بي خبر رهياسين. نتيجي طور دنيا گهڻو اڳتي نڪري وئي ۽ اسان ايترو پٺتي رهجي وياسين جو "مور جيان پنهنجن پيرن کي ڏسي روئندا رهياسين." حقيقي وطن دوست، عوام دوست ۽ ملڪ جي ترقيءَ جا سپنا اکين ۾ سانڍي سياست جي ميدان ۾ ايندڙن کي باغي، غدار ۽ عوام دشمنيءَ جا لقب ڏئي عبرت جو نشان بڻائيندا رهياسين. اهو وساري ويٺاسين ته درٻارن کان ٻاهر روڊن، رستن ۽ چوراهن تي به تاريخ لکي پئي وڃي. نتيجي طور اهي باغي، غدار ۽ سرفروش اڄ به زنده آهن ۽ جن کي تاريخ اصل غدار طور سامهون آندو آهي زنده هجڻ باوجود به مرده آهن. دنيا ۾ اطلاعات جي ذريعن ايڏي تيزيءَ سان ترقي ڪئي آهي جو درٻاري تاريخ دان وائڪا ٿي چڪا آهن. ڊاڪٽر مبارڪ علي جي ڪتابن ۽ فيصل وڙائچ جي ڊاڪيو مينٽريز ذريعي حقيقي تاريخ تيزيءَ سان اصل حقيقتون عوام آڏو عيان ڪري رهيون آهن. ملڪ کي سياسي تجربيگاهه بڻائڻ وارن جون به اکيون کلي ويون آهن غدار ۽ محب وطن جي اصل معنيٰ به سمجهه ۾ اچي رهي آهي. هڪ عوامي اڳواڻ جي ڦاهيءَ کي تاريخ عدالتي قتل ۽ هڪ آمر کي غدار ثابت ڪيو. درٻار ۾ مسند تي ويٺل ته شايد! حقيقت کي تسليم ڪرڻ طرف وڌي رهيا آهن پر درٻارن جي حاضري ڀريندڙ اڃا تائين عادت کان مجبور آهن. تاريخ سان هٿ چراند ڪندي "هائبرڊ رجيم" وارو تجربو ته ناڪاميءَ جي آخري حدن کي ڇهي رهيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اها ليبارٽري فوري طور بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اها هميشه لاءِ بند ٿي چڪي يا عارضي طور بند ٿي آهي، اهو به ايندڙ وقت ۽ تاريخ ٻڌائيندي پر پنهنجي اهليت ۽ قبوليت جي ٽيسٽ ڪرائڻ وارن جو رخ اڃا به ان طرف آهي ظاهر آهي 75 ورهين جي عادت آهي. ان جي خاتمي ۾ وقت ته لڳندو. اهو اعتبار تڏهن ممڪن آهي جڏهن سياسي پارٽيون به تاريخ مان سبق سکي ذهن مان هر قسم جو خوف ڪڍي اعتماد سان فيصلا ڪنديون. ماضيءَ ۾ ملڪ جي سياسي مستقبل جا فيصلا ڪندڙ ته وڏي دل ۽ دماغ سان عوام آڏو اچي وڏي واکي غلطين جو اعتراف ڪندي توبهه تائب ٿي چڪا. هاڻي سياسي پارٽين کي به اطاعت ۽ جي حضوري واري روش تبديل ڪرڻي پوندي، تاريخ ثابت ڪيو آهي ته عمران خان ڪنهن سياسي يا نظرياتي عمل مان گذري وئي نه آهي ان ڪري ان کي سياستدان چوڻ يا سمجهڻ به تاريخ سان مذاق آهي، هو جن جي پيداوار آهي اڄ به انهن کي پڪاري رهيو آهي. ذاتي ڪرسيءَ لاءِ ملڪ جي آئيني ادارن جو تقدس به پائمال ڪري رهيو آهي، جن اهو بت تراشيو انهن ايتري به زحمت نه ڪئي ته ڪيس آئين پڙهائين ها، ادارن جي آئيني حدن ۽ تقدس بابت سندس ذهني تربيت ڪن ها ته نتيجا ڪجهه ٻيا هجن ها. اڄ هو لاڏلي ٻارجيان سندن ئي ڄنڊا پٽي ڦرڻي ڪرسي گهري رهيو آهي. ٻئي طرف اسٽيبلشمينٽ کي سياسي معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ جا درس ڏيندڙ به محسوس ٿي رهيو آهي ته اسٽيبلشمينٽ جي غيرجانبداريءَ تي مڪمل اعتماد ۽ اعتبار ڪرڻ ۾ مونجهاري جو شڪار آهن، عام چوڻي آهي ته مون هٿ ڪڍيا آهن پر ڪمبل نه ٿو ڇڏي، سو اسٽيبلشمينٽ کي به ڪمبل نٿو ڇڏي، سياسي پارٽين جي قيادت کي شايد! سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي ته فطرت جي اصول تحت هر ذر پنهنجي پنهنجي اصل دائري ۾ واپس اچي رهي آهي. ان عمل ۾ مونجهاري، شڪار ٿيڻ ۽ رڪاوٽ بڻجڻ بدران ان عمل کي هٿي ڏيئي تيز ڪرڻ گهرجي. عمران خان جيان ڪمبل بڻجڻ بدران خودمختيار ٿيڻ گهرجي. غيبي ۽ خلائي سهارن جي عادت ختم ڪري پنهنجي پيرن سان اڳتي وڌڻ جي همت ڪرڻ گهرجي، پر اڃا تائين نانگ جو ڏنگيو نوڙيءَ کان ڊڄي واري ڪيفيت آهي، جنهن مان هاڻي سياسي ڌرين کي نڪرڻو آهي. اها وقت ۽ حالتن جي گهرج آهي. ايئن ڪٿي چئجي ته هاڻي سموري ذميواري اسٽيبلشمينٽ، سياسي پارٽين جي ڪلهن تي وجهي ڇڏي آهي. ان ڪري سياسي پارٽين جو امتحان شروع ٿي چڪو آهي.



ذوالفقار چانڊيو

# ملڪ جو ڏيوالو ڪيندڙ حڪمران

اڄ ڪلھ ملڪ جي حالتن تي نظر ڪجي تہ ھر پاسي تباھي، ڏڪار، بک، بدحالي بيروزگاري واري صورتحال آھي. ھر پاسي قتل عام دھشتگردي ڦرلٽ جا واقعا وڌي رھيا آھن، جيڪڏھن مھانگائي جي ڳالھ ڪجي تہ ھميشہ وانگر تيز رفتاري سان وڌي رھي آھي، جنھن کي روڪڻ ڪنھن جي وس جي ڳالھ ناھي. ملڪ اندر بدامني جي باھ اھڙي لڳل آھي جنھن کي وسائڻ تہ پري جي ڳالھ آھي پر ڏينھون ڏينھن وڌي رھي آھي جنھن ڪيترن ئي ڳوٺن شھرن گھرن کي تباھ برباد ڪري ڇڏيو آھي. ملڪ اندر انصاف ملڻ مشڪل پر ناممڪن بڻجي رھيو آھي، دنيا اندر پاڪستان انصاف جي فھرست ۾ 128 نمبر تي وڃي پھتو آھي ملڪ جو ڪو اھڙو ھڪ بہ ادارو ناھي جيڪو صحيح طريقي سان عوام جي خدمت ان جي حقن لاءِ ڪم ڪري رھيو ھجي. جيڪڏھن جمھوري توڙي آمريتي حڪومتن جي ڳالھ ڪجي تہ انھن بہ ملڪ جي تباھي بربادي ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ناھي ڇڏي اھي بہ پنھنجي وس آھر ملڪ کي لٽڻ ڦرڻ تباھ ڪرڻ ۾ ھڪ ٻئي ڪان اڳڀرا رھيا آھن. سندن حڪومتي ڪارڪردگي سبب ملڪ تباھي ڪناري وڃي پھتو آھي جنھن ڪري اڄ ملڪ اربين ڊالرن جو قرضي آھي. اھڙين حالتن ۾ ملڪ اندر ترقي نالي ڪا شيءَ ناھي. اڄ ڪلھ ملڪي معيشت گھوٽالي جو شڪار بڻيل آھي جنھن سان ھر شيءَ جو بحران ۽ روز مره جي شين جي اگھن ۾ رڪارڊ اضافو ٿي رھيو آھي. غير ملڪي ناڻي ڊالر جي قيمت ۾ پڻ رڪارڊ اضافو ٿي رھيو آھي. پاڪستاني ڪرنسي ڏينھون ڏينھن ھيٺ وڃي رھي آھي جنھن جي ڪري ملڪ مٿان ڏينھون ڏينھن قرضن ۾ پڻ اربين ڊالرن جو



واڌارو ٿي رھيو آھي جنھن جون ذميوار ملڪ مٿان جمھوري توڙي آمريتي حڪومتون آھن جن اقتدار ۾ ھوندي عوام جي ٽيڪس جي پئسن مان عياشيون ڪيون. شاھي خرچ ڪيا ان سان گڏوگڏ ملڪ کي ٻنھي ھٿن سان لٽي ڦري ٻاھرين ملڪن ۾ پنھنجون ملڪيتون ٺاھيون. ايئن ڪٿي چئجي تہ وزيرن مشيرن ھميشہ پنھنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ ملڪي ادارن توڙي معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آھي سندن شاھي خرچن ملڪ کي تباھ ڪري ڪوڪلو بڻائي ڇڏيو آھي. ملڪ جي چئني اسيمبلي ميمبرن، قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن، سينيٽرن يا وري وزيرن مشيرن جي پگھارن سرڪاري الائونس يا جيڪي سرڪاري سھولتون کين مليل آھن اھي ٻاھر ملڪ جي ڪنھن بادشاھ جي بادشاھت ڪان گھٽ نہ آھن سندن پگھارون الائونس رڪارڊ اضافي سان گڏ لکين روپيا ڪٽي رھيا آھن. پاڻي بجلي گيس سفري سھولتون پيٽرول ڊيزل سڀ سرڪاري طور تي کين مفت ۾ فراھم ڪيو ويندو آھي مطلب تہ سندن زندگيءَ جو ھر خرچ غريب عوام جي ٽيڪس مان نڪرندو آھي. ايئن ڪٿي چئجي تہ عوام جي ووٽن سان چونڊيل نمائندن جي ھڪ الڳ دنيا قائم ٿيل آھي جتي کين زندگيءَ جو سڀ سھولتون غريب عوام جي ٽيڪسن مان مفت فراھم ڪيون وينديون آھن ٻئي پاسي غريب عوام آھي جنھن جي ھڪ الڳ دنيا قائم ٿيل آھي جتي کين بنيادي سھولتن سان گڏ ڪا بہ سرڪاري سھولت مفت ۾ ناھي ڏني ويندي چوتہ غريبن جي دنيا اندر بک بدحالي بيروزگاري غربت موت سستو آھي انھن کي سرڪاري ڪا سھولت ناھي ڏني ويندي سڀ سھولتون صرف وڏن ماڻھن وزيرن مشيرن جي لاءِ مقرر ٿيل آھن باقي غريب عوام جي لاءِ صرف ڏکا ٿاٻا موت سستو ٿيل آھي. ملڪ جي اھڙي تباھي بربادي جا ذميوار صرف حڪمران آھن جيڪي ملڪي ناڻي کي پنھنجو سمجھي عيش عشرت ڪري لٽي رھيا آھن يا وري ڪرپشن ڪري ملڪي ناڻي کي مني لانڊرنگ ذريعي ٻاھرين ملڪن ڏانھن منتقل ڪري رھيا آھن جنھن سبب ملڪ جو ڏيوالو نڪري چڪو آھي. موجوده حالتن ۾ ملڪ اندر معاشي حالتون بدترين بڻجي ويون آھن ايئن ڪٿي چئجي تہ ملڪ سؤ سـ....ـال پوئتي ٿي چڪو آھي ملڪ جون اندروني توڙي بيروني حالتون خطري ڪان خالي نہ آھن جنھن کي سنڀالڻ موجوده ڪنھن بہ سياسي پارٽي يا ليڊر جي وس ۾ نہ آھي. ھميشہ عوام جي حقن جي ڳالھ ڪندڙ سياستدان امير ڪان امير ٿيندا پيا وڃن جڏھن تہ غريب عوام غريب ڪان غريب ٿي رھيو آھي جنھن جا ذميوار پڻ ملڪ جي ڏاھن سياستدانن سان گڏ اھي حڪمران آھن جيڪي ھميشہ اقتدار جي عياشين ۾ مشغول رھيا آھن جن کي عوام


ماھوار ويچ ڪراچي

# سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائينس ۾ شامل



اسحاق سومرو
ibrahim123@gmail.com

سنڌ جي قوم پرست پارٽي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي آخرڪار، گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائينس (جي ڊي اي) سان چونڊ اتحاد ڪري ڇڏيو. اهڙو اعلان ايس يو پي جي سربراه سيد جلال محمود شاهه، پارٽي جي صدر سندس نندي ڀاءَ سيد زين شاهه فنڪشنل هائوس ڪراچي ۾ جي ڊي اي جي پير سيد صدرالدين شاهه راشدي ۽ ڊاڪٽر صفدر عباسي سان گڏجي ڪيو.ان موقعي تي مفاهمتي معاهدي تي پڻ دستخط ڪيا ويا. معاهدي مطابق سنڌ جي مسئلن تي گڏجي جدوجهد ڪرڻ سان گڏ 2023 ع وارين چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کي ٽف ٽائيم ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيوويو. جي ڊي اي جيڪومختلف پارٽين جو اليڪشني اتحاد هو. اهو اتحاد 2018 ع جي چونڊن کانپوءِهاڻي هڪ سياسي اتحاد آهي جنهن ۾ پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل)، نيشنل پيپلز پارٽي (مرتضيٰ جتوئي) پاڪستان پيپلز پارٽي ورڪرس (ڊاڪٽر صفدر عباسي)، پيپلز مسلم ليگ (ڊاڪٽرارباب رحيم) اميربخش ڀٽو کانسواءِ ڊاڪٽر فهميدا مرزا، ڊاڪٽر ذوالفقارمرزا ۽ سندن پٽ حسنين مرزا ان اتحاد جو حصو آهن، هاڻي ان ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جو اضافو ٿيو آهي. جي ڊي اي سنڌ جي روايتي سياسي خاندانن جو سياسي اتحاد آهي. ان اتحاد ۾ شامل شخصيتون هر اليڪشن ۾ مختلف پارٽين ۽ اتحادن جو حصو رهندا پئي آيا آهن. جي ايم سيد ۽ ان جوخاندان 1937 ع کان وٺي ۽ 85 سالن کان اليڪشني سياست جو سڌي يا اڻ سڌي طرح حصو رهيو آهي خاص طور تي جي ايم سيد 1970 ع تائين پاڻ خود چونڊن ۾ حصو وٺندو رهيو.جي ايم سيد پاڻ 1985 ع جي غيرجماعتي اليڪشن ۽ 1988 ع ۾ مختلف اميدوارن پير پاڳاري، ممتازعلي ڀٽي، عبدالحميد جتوئي، سيد ڪوڙل شاهه ۽ ٻين ڪيترن ئي پاڪستان پيپلز پارٽي جي مخالف اميدوارن جي اليڪشني جلسن ۾ شريڪ ٿي خطاب پڻ ڪيا. تنهن ڪري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو سنڌ ۾ پ پ مخالف اتحاد جي ڊي اي جو باقائده حصو بڻجڻ ڪو غير معمولي واقعو نہ آهي. سنڌ ۾ گڏيل ٻن عام چونڊن ۾ پ پ مخالف پارٽين، خاندانن جو ووٽ ۽ سياسي اثرتيزي سان گهٽ ٿيو آهي.جي ايم سيد جي خاندان جا فرد سيد امير حيدر شاهه 1990 ع ۾ ڄام صادق علي جي نگران وڏي وزير جي دور ۾ ڪرايل چونڊن ۾ سيوهڻ مان پ پ اميدوار سيد عبدالله شاهه کي هارائي صوبائي اسيمبلي جو ميمبرچونڊيو ويو. سيد جلال محمود شاهه 1997 ع جي چونڊن ۾ ملڪ اسد سڪندر جي حمايت سان سيد عبدالله شاهه کي هارائي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ۽ سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪرچونڊيو ويو. اهڙي طرح سيد امداد محمد شاهه 1985 ع جي غير جماعتي اليڪشن ۾ سڪرنڊ واري صوبائي اسيمبلي واري سيٽ تان ڪامياب ٿيو ،ٻيون دفعو 1988 ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ان وقت جي سيد گروپ جي ڏٻاءَ ۾ اچي سيد امداد محمد شاهه جي سامهون اميدوار نہ بيهاريو ۽ سيد امداد محمد شاهه سڪرنڊ مان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌرجو اڳواڻ چونڊيو ويو. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي





کوئی روایت نظر نہیں آئی اور نہ ہی یہاں ایران کی طرح کلیان (حقہ) اور قہوہ پیش کرنے کا رواج ہے۔' پوٹنجر میروں کی نشست، گفتار اور پہناوے سے متاثر نظر آتے ہیں۔ وہ لکھتے ہیں کہ 'سندھ کے امیروں کی تلواروں اور خنجروں کی موٹھوں (دستوں) پر لگے ہیرے جواہرات کے علاوہ، بے تحاشا جواہرات ان کے جسم پر تھے۔ ان کے کمر بند پر بڑے زمرد اور یاقوت لگے ہوئے تھے، تینوں امیر اپنی عمروں کے حساب سے ترتیب سے بیٹھے ہوئے تھے۔ سب سے بڑا (میر غلام علی تالپور) بیچ میں، اور دونوں طرف ان کے بھائی، ایک طرف میر مراد علی (بڑا) اور دوسری طرف میر کرم علی (میر مراد سے چھوٹا)۔ یہ بھائی جس نشست پر بیٹھے ہوئے تھے وہاں بچھی ہوئی چادروں پر زری اور چاندی کی تاروں کے بنے ہوئے پھول پتیوں کا شاندار کام کیا ہوا تھا۔ گاؤ تکیوں پر بھی ہاتھ کے ہُنر کا شاندار کام کیا ہوا تھا۔ یہ سارے حقائق دربار کی ایک شاندار تصویر پیش کر رہے تھے۔ ساتھ میں حکومت کے عملداروں نے بھی شاندار لباس پہنا ہوا تھا۔ ہم سندھ کے دربار سے متعلق کبھی سوچ بھی نہیں سکتے تھے کہ اتنی شاندار ہوگی۔ ان کے سر پر بندھی ہوئی پگڑیاں شفاف جالی دار کپڑے کی تھیں اور اتنی بڑی پگڑیاں اس سے پہلے میں نے کسی کو بندھی ہوئی نہیں دیکھی تھیں۔ ایک اندازے کے مطابق ان پگڑیوں کا گھیرا 2 سے ڈھائی فٹ تک تو ضرور ہوگا، یہ پگڑیاں انتہائی نذاکت اور طریقے سے باندھی گئی تھیں جس کی وجہ سے نہ وہ وزن دار محسوس ہوتیں اور نہ بُری لگتی تھیں'۔ پوٹنجر جس برس سندھ آیا تھا، اس سے 3 برس پہلے سے بارشیں نہیں ہوئی تھیں، بارشوں کا یہ پیٹرن ابھی تک جاری ہے کہ، زیریں سندھ میں 3 سے 4 برس بارشیں کم اور چوتھے یا 5ویں برس زیادہ ہوتی ہیں اور کبھی کبھی تو یہ برساتی سلسلوں میں تبدیل ہوجاتی ہیں۔ جس برس یعنی 1809ء میں جب پوٹنجر یہاں آیا تو بہت بارشیں ہوئی تھیں۔ اس بارش کی وجہ سے ان کی قائم کی گئی چھاؤنی میں پانی بھر گیا تھا، جس کو حکومتی کارندوں نے نکالا تھا۔ پہلی ملاقات کے بعد تالپوروں اور کمپنی بہادر کے وفد میں نوک جھونک ٹھنڈی پڑگئی تھی۔ یہ وفد جب دوسری بار غیر رسمی ملاقات کے لیے دربار پہنچا تو وہ راستے جہاں بندوق والے سپاہی کھڑے تھے وہاں کچھ نہیں تھا۔ نہ محلات میں اتنا رش تھا۔ پہلے کے مقابلے میں انتہائی پُرسکون ماحول تھا۔ تحفوں کی لین دین ہوئی۔ وہاں امیروں نے کچھ اعتراضات کیے مگر مسئلہ حل ہوگیا۔ امیروں نے بتایا کہ وہ ہر برس ایران اور ترکی میں اپنے آدمی بھیجتے ہیں کہ وہاں سے بہترین قسم کی تلواریں اور خنجر خرید کر لائیں اور خریداری میں پیسوں کی پرواہ مت کریں۔ پوٹنجر کے بقول یہ ان کی فضول خرچی تھی اور ان تلواروں کی خریداری اور ان کو ذخیرہ کرنے کا حرص پیسے جمع کرنے سے بھی بڑھ گیا تھا۔ اس شوق میں وہ اس مقابلے تک پہنچ گئے تھے کہ، کس بھائی کے پاس زیادہ شاندار خنجر اور تلواریں ہیں، جس میں ہر کوئی سبقت لینا چاہتا تھا۔ اس دوسری ملاقات میں امیرانِ سندھ اور کمپنی بہادر کے سفیر کے درمیان اکیلے میں ایک لمبی نشست ہوئی۔ سفیر نے امیروں کو وہ سب سمجھایا جو کمپنی بہادر چاہتی تھی۔ اس وفد کا سندھ میں آنے کا مقصد 'حملے اور بچاؤ کے اتحاد' کے لیے گزشتہ برس میروں سے کیے گئے عہدنامے کی منسوخی، فرانسیسی ایجنٹوں کا سندھ میں داخلہ روکنا اور سندھ کے حوالے سے نئے عہدنامہ کی تیاری پر بات چیت تھا۔

سندھ کے امیر نئے عہدنامے کی تیاری پر بات چیت کے لیے راضی ہوگئے اور ایک وفد تشکیل دیا گیا جس میں ولی محمد لغاری، آخوند بقا خان اور مشتاق رام نامی ایک ہندو شامل تھا۔ سندھ کے امیروں کا ان پر مکمل اعتماد تھا۔ فیصلہ ہوا کہ یہ وفد تب تک چھاؤنی میں آتا رہے گا جب تک تمام نکات پر تفصیلی گفتگو کے بعد دونوں فریقین مطمئن نہیں ہوجاتے اور عہدنامے کو آخری شکل نہیں دے دی جاتی۔ جب یہ طے ہوگیا تو سندھ حکومت کی طرف سے، گورنر جنرل سے ملنے کے لیے ایک سفیر مقرر کیا گیا جو اس وفد کے ساتھ جائے گا اور عہدنامے کی حتمی اور تصدیق شدہ نقل لے کر سندھ لوٹ آئے گا۔

حیدرآباد سے متعلق پوٹنجر ہمیں بتاتا ہے کہ 'یہاں توڑے دار بندوقیں (Matchlock Rifle) انتہائی شاندار اور خوبصورت بنتی ہیں۔ اس کے علاوہ بھالے، تلواریں، خنجر بھی اچھے بنتے ہیں اور کپڑوں پر کشیدہ کاری کا بھی عمدہ کام ہوتا ہے۔ یہاں اچھے روزگار کے دیگر ذرائع بھی موجود ہیں جن سے عام آدمی کی اچھی آمدنی ہوتی ہے۔ یہاں بننے والے ہتھیاروں کا معیار اعلیٰ ہے حتیٰ کہ یہ یورپ کا مقابلہ کرسکتے ہیں'۔ حیدرآباد کے قلعے سے متعلق وہ لکھتا ہے کہ 'قلعے کی دیواروں پر 70 توپیں نصب ہیں البتہ مرکزی دروازے کی بالائی سطح پر تعمیر کیے گئے مورچے کی کوٹھڑی میں جو 8 سے 10 توپیں نصب ہیں وہ بھاری دھات کی بنی ہوئی شاندار توپیں ہیں۔ شہر کی آبادی قلعے کے شمال میں ہے، جس کی تعداد 3 ہزار گھروں تک یقیناً ہوگی، جس سے اندازہ لگایا جاسکتا ہے کہ آبادی ضرور 10ہزار نفوس پر مشتمل ہوگی'۔

24اگست بروز بدھ انگریزوں کے وفد نے سندھ کے امیروں سے الوداعی ملاقات کی اور اگلے دن یعنی 25 اگست، 1809ء کو صبح سویرے سندھ حکومت سے ملنے والی 3 جھمپٹی کشتیوں پر روانہ ہوگیا جبکہ ان کا سامان، کراچی سے منگوائی گئی کشتیوں میں رکھا گیا۔

واپسی کے سفر سے متعلق پوٹنجر رقم طراز ہے کہ، 'ہم صبح جلدی اٹھے اور حیدرآباد سے جنوب مشرق میں 'پھلیلی بہاؤ' سے اپنا سفر شروع کیا۔ تیسرے دن ہم کڈھن نامی ایک گاؤں (اب یہ ایک چھوٹا سا شہر ہے) پہنچے۔ حیدرآباد اور کڈھن کے درمیاں سارا علاقہ نہایت خوبصورت اور فصلوں سے بھرا ہے۔ یہاں ہم کچھ دن رُکے اور خوب جی بھر کر شکار کیا۔ بعدازاں ہم 7 ستمبر کو لکھپت بندر پہنچے اور اکتوبر کے آخر میں ایک مشکل اور پریشان کردینے والے مگر کامیاب سفر کے بعد بمبئی پہنچے'۔



ڊاڪٽر بخت جمال شيخ

# دهشتگردي جو نئون خطرو

نئين سال شروع ٿيڻ سان ملڪ ۾ گذريل سال کان هلندڙ دهشتگردي نئون رخ وٺي رهي آهـــــــــــي. دهشتگردي جو نئون خطرو لامارا ڏئي رهيو آهي. اربع تي تحريڪ طالبان پاڪستان ملڪ جي ٻن مک سياسي پارٽين جي سربراهن کي پنهنجي ڌمڪي جو نشانو بنايو آهي. دوحا مان هلندڙ عرب ٽي وي چينل الجزيره کي مليل واٽسپ پيغام موجب هنن حڪمران پيپلز پارٽي ۽ نون ليگ خلاف جنگ جو اعلان ڪندي ڌمڪي ڏني آهي ته هو انهن جي مک سربراهن خلاف سخت قدم کڻندا. هنن وزيراعظم شهباز شريف ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو نالو کڻي مٿن چوهه چنڊيا آهن. ٽي ٽي پي جي ترجمان محمد خراساني پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته گهڻي وقت کان هنن ڪنهن سياسي پارٽي خلاف ڪو قدم ناهي کنيو پر جي هي ٻئي پارٽيون پنهنجي موقف تي قائم رهيون ته پوءِ هنن ٻنهي پارٽين جي اڳواڻن خلاف ايڪشن ڪنيووينداو. ان ڪري هنن ماڻهن کي خبردار ڪيو آهي ته هو انهن اڳواڻن جي ويجهو نه وڃن. ترجمان چيو آهي ته سندن اصل نشانو ملڪ جا سيڪيورٽي ادارا آهن جيڪي اولهه جي چرچ تي ملڪي مفادن خلاف ڪم پيا ڪن. هن مذهبي جماعتن کي به خبردار ڪيو آهي ته هو حڪومت سان ملي سندن خلاف قدمن جو حصو نه بڻجن. ٽي ٽي پي جو اهو بيان نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي ان اجلاس جي ٻن ڏينهن بعد آيو آهي جنهن ۾ بنا ڪنهن فرق جي هرقسم جي دهشتگردي سان مقابلي جو عزم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ نئون آرمي چيف ۽ وزيراعظم به شريڪ ٿيا هئا.

آمريڪا جي پرڏيهي آفيس فورن ان اعلان جي آجيان پڻ ڪئي هئي. گذريل سال ملڪ ۾ دهشتگردي جا 150 واقعا ٿيا هئا جن ۾ سوين ماڻهو مري ويا هئا. ٽي ٽي پي جو مطالبو آهي ته ملڪ ۾ سندن پسند جو شرعي نظام لاڳو ڪيو وڃي، فاٽا جي ڪي پي ۾ ضم ڪرڻ جي فيصلي کي واپس ورتو وڃي ۽ پاڪ افغان سرحد يا ڊيورنڊ لائين تي لڳايل خاردار ڀت کي هٽايو وڃي. هنن الزام هنيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ سندن خلاف ڪارروايون ڪرائي رهيو آهي. هن بلاول لاءِ پڻ اهو چيو ته هن پنهنجي ماءُ جي سک لاهڻ لاءِ آمريڪا کي پنهنجي ماءُ بڻايو آهي ۽ هو نوجوان آهي جنهن کي جنگ جي ڪا خبر ناهي. بلاول کي ٽي ٽي پي جي ڌمڪي ان ڪري به تشويشناڪ آهي جو ٽي پي جي اڳواڻ مفتي نور ولي محسود پنهنجي ڪتاب "برطانوي راڄ کان آمريڪي سامراجيت تائين" ۾ قبول ڪيو آهي ته محترمه بينظير ڀٽو تي سندن گروپ حملو ڪيو هو ڇو ته هن ٽي ٽي پي کي نشانو بنائڻ جو واعدو ڪيو هو. بلاول ڪجهه ڏينهن اڳ ٽي ٽي پي کي اهو چئي دهشتگرد تنظيم سڏيو هو ته افغانستان جي طالبان جي ته تاريخ آهي ۽ ٽي ٽي پي ۽ هنن وچ ۾ واضح فرق آهي. ٽي ٽي پي پاڪستان سان ٿيل جنگبندي تان به نومبر ۾ ڦري وئي هئي. ان کان علاوه گذريل مهيني واشنگٽن ۾ ائٽلانٽڪ ڪائونسل کي خطاب ڪندي بلاول واضح ڪيو هو ته ٽي ٽي پي پاڪستان جي مڪمل ريڊ لائين آهي. هن يقين ڏياريو هو ته ڪنهن کي به اها ريڊ لائين پار ڪرڻ نه ڏني ويندي ڇو ته پاڪستاني عوام جي سلامتي کين عزيز آهي. پر ٻئي پاسي ساڳئي ملڪ جي شهر نيويارڪ ۾ اقوام متحده سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ پاڪستاني نمائيندو منير اڪرم اهو بيان ڏئي رهيو هو ته علائقي جي صورتحال کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ طالبان سان لهه وچڙ





ضروري آهي. گذريل سال مئي ۾ جنرل فيض جي قيادت ۾ جرڳو ڪابل ۾ ٽي ٽي پي سان ڳالهيون ڪري چڪو هو جڏهن هو پشاور جو ڪور ڪمانڊر هو. جنهن مان واضح آهي ته حڪومت جي مختلف حصن جا ٽي ٽي پي بابت مختلف رايا آهن. ان مونجهاري جو تازو مثال راڻي جا متضاد بيان آهن. وفاقي گهرو وزير راڻي ثناءُالله طالبان کي افغانستان مان مدد ملڻ جي دعويٰ به ڪئي آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ هن افغانستان اندر انهن اڏن تي هوائي حملن جي ڳالهه ڪئي پر بعد ۾ ان بيان تان ڦري ويو. پرڏيهي ترجمان به ان جي ترديد ڪري چڪي آهي. راڻي اهو به چيو ته جي تحريڪ طالبان پاڪستان هٿيار ڦٽو ڪري ته ساڻن ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون پر بعد ۾ ان جي به ترديد ڪري ڇڏي. هن وقت ڪنهن به مونجهاري ۾ پوڻ اجائي آهي ڇو ته سعودي عرب ۾ شيخ محمد بن سلمان جي اقتدار ۾ اچڻ بعد نيون تشريحون ۽ نيون فتوائون سامهون اچي رهيون آهن جيڪي سوير يا دير ضرور مڪاني صورتحال کي به متاثر ڪنديون. آرمي چيف به هن وقت سعوديا جي دوري تي آهي. مبصرٽي ٽي پي جي تازي ڌمڪي کي هلندڙ سال پاڪستان ۾ ٿيندڙ چونڊن

سان ڳنڍي رهيا آهن ڇو ته ڏهه سال پهريائين به 2013ع جي چونڊن وقت ساڳئي گروپ پيپلز پارٽي کي ڌمڪيون ڏنيون هيون ۽ هن وقت چونڊن تي اثر وجهڻ لاءِ هواتحادي جماعتن خاص ڪري پيپلز پارٽي ۽ نون ليگ کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن کي پي ٽي آئي کي فائدو ڏيڻ سان تشبيهه ڏني پئي وڃي. ڇو ته انهن ڌمڪين ڪري ماڻهن جي جلسن ۾ وڃڻ کي گهٽائي سگهجي ٿو. ٻئي طرف ڪي پي ۾ وڌندڙ دهشتگردي خلاف سوات بعد ڏکڻ وزيرستان ۾ هزارين ماڻهن سفيد جهنڊا کڻي دهشتگردي خلاف مظاهرو ڪيو آهي جنهن ۾ واپاري، شاگرد، نوجوان، سياسي ڪارڪن، قبائلي چڱا مڙس شريڪ ٿيا آهن جنهن کي پيپلز پارٽي، عوامي نيشنل پارٽي، پشتون قومي موومينٽ، نون ليگ جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته هن مظاهري ۾ وانا کان وٺي انگور اڏي تائين ماڻهو شريڪ ٿيا آهن ۽ هن وقت وزيرستان ۾ پوليس اسٽيشنون به محفوظ نه آهن جن تي حملا ڪري هٿيار لٽيا پيا وڃن ۽ سيڪيورٽي عملدارن تي به حملا ڪيا پيا وڃن. هنن چيو ته خاص طور تي عام ماڻهن کي پئسن لاءِ اغوا ڪيو پيو وڃي ۽ قبائلي علائقن ۾ فوجين، قبائلي اڳواڻن،

سياستدانن توڙي ٺيڪيدارن سميت ڪو به ماڻهو محفوظ ناهي، جنهن کي منظور پشتين هڪ سازش سڏيو. جڏهن ته ڪجهه اڳواڻن ان کي گريٽ گيم سڏيو جنهن ۾ قبائلي عوام کي توب جي گولي طور استعمال ڪيو پيو وڃي. دهشتگردي جي تازي خطري کي محسوس ڪندي وزيراعظم دهشتگردي سان منهن ڏيندڙ اداري نيڪٽا ۽ صوبائي پوليس عملدارن ۽ چيف سيڪريٽرين جي گڏجاڻي ۾ صوبن ۽ مرڪز وچ ۾ تعاون، رابطي ۽ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورن صوبن جي مدد تي زور ڏنو. پر سيني صوبن ۾ ٻه وڏا صوبا پنجاب ۽ ڪي پي به شامل آهن جتي پي ٽي آئي جي صوبائي حڪومتون آهن جيڪي دهشتگردي ته پري رهيو پر بجلي بچائڻ لاءِ مارڪيٽ سوير بند ڪرڻ جي فيصلي جي به مخالفت ڪري چڪيون آهن. ان ڪري جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي تيئن ڪجهه مبصر دعويٰ ڪن ٿا ته دهشتگردي بابت سڀ پارٽيون، حڪومتون، ڌريون، ادارا توڙي فرد هڪ پيج تي ناهن ۽ هو ذهني طور مونجهاري جو شڪار آهن يا پنهنجن مفادن جي وڪڙ ۾ ورتل آهن. ڇو ته اڳي هو طالبان کي پنهنجوا اثاثو سمجهي سندن براند

کي پنهنجو سمجهي انهن جي مدد ڪندا رهيا آهن. ماضي ۾ دهشتگري کي حڪومتي ادارا ڪراچي توڙي ٻين حصن ۾ پنهنجن سياسي مقصدن لاءِ پڻ ڪتب آڻيندا رهيا آهن. هڪ دفعو ٻيهر مختلف ڌڙن کي ملائڻ جي ڪوشش جاري آهي جن بابت مون لکيو هو ته انهن کي ڪجهه سالن کان ٻئي حڪم تائين لوڪوشيڊ ۾ ٻيهاريوويوآهي. لڳي ٿو ته هاڻي ڪين ٻيهر ڪراچي ۾ سرگرم ڪيو ويندو جنهن سان دهشت گردي کي هٿي ملندي. بلاول کي ٽي ٽي پي جي تازي ڌمڪي ۽ ان کان اڳ آمريڪي دوري دوران انڊيا جي وزيراعظم مودي کي دهشتگرد سڏڻ بعد انڊيا جي مختلف شهرن ۽ دلهي ۾ پاڪستاني سفارخاني ٻاهران مظاهرا، سندس پتلا ساڙڻ توڙي يوپي ۾ بي جي پي اڳواڻ پاران ڪيس ختم ڪندڙ کي ٻه ڪروڙ انڊين رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان سخت تشويشناڪ آهي. لڳي ٿو سندس خلاف ٻه نوان پرڏيهي محاذ کولرائي نه فقط مٿس دٻاءَ ۾ واڌارو ڪيو ويندو پر ايندڙ چونڊن جي نتيجن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ان ڪري حڪومت سان گڏوگڏ سنڌس پارٽي کي گهرجي ته سنڌس حفاظت کي يقيني بنايو وڃي.

# ٿرواسي غريب ماروئڙا مهانگائي خلاف سراپا احتجاج!

نئين سال جي آجيان بہ مهانگائي سان ٿي آهي، ٿرم اٽو ڏيڍ سئو رپيہ ڪلو ملي پيو، غريب طبقو هڪ ويلو مانيءَ لاءِ پريشان آهي، سنڌ حڪومت طرفان 65 رپيہ ڪلو اٽو عوام کي ڏيڻ واري اعلان تي عمل نہ ٿيو. ڪٿي بہ ضلعي انتظاميہ نظر نہ آئي، مزدوري ڪندڙ غريب طبقو سخت مشڪلاتن ۾ آهي. منافعي خور واپارين دڪانن تي ڪاڌي پيتي جي سيني شين جا ريٽ وڌائي ڇڏيا. شهرن ۾ اڳهن تي نظر رکندڙ مقرر اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار غائب. انهي سلسلي ۾ ٿرجي سمورن ڇهن ئي تعلقن جي 26 سئو ڳوٺن ۾

مٺي آهي، ٿرجي شهرن مٺي، اسلام ڪوٽ، ننگر پارڪر، ڇاڇرو، ڏيپلو ۾ قائم سرڪاري گدامن مان اٽي جي چڪين کي مقرر ڪوٽا تحت ڪڻڪ ملڻ جي باوجود چڪين جي مالڪن سرڪاري اڳهن کي ٽِڏي ڇڏيو آهي، ۽ ضلعي انتظاميا سموري معاملي تي خاموش تماشائي بڻيل آهي. ڪڻڪ جو اٽو اوچتو ايترو مهانگو ٿي ويو آهي جو هاڻي گهر جو گاڏو هلائڻ بہ مشڪل ٿي پيو آهي، ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ پورهيت توڙي ريڙهو هلائيندڙ ماڻهو روزانو ٽي کان چار سئو روپيہ ڪمائي ٿو، هر خاندان ۾ ڇهہ کان اٺ ڀاتي هجن ٿا،

ويلو لنگهڻ تي سمهن ٿا، هتي تہ سرڪار توڙي انتظاميہ نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي، واپاري ڪاڌي جي شين جا پنهنجا من پسند اگہ وصول ڪري رهيا آهن ۽ اٽي جو ڪٽو بہ 40 ڪلو جي بجاءِ 38 ڪلو جو وڪرو ڪيو پيو وڃي، ان جو ضلعي انتظاميہ نوٽيس نٿي وٺي، سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ ٿرم غريبن لاءِ سستي اٽي جا اسٽال لڳرائي، جيڪي هينئر بند آهن، اهي ٻيهر کولي، سستي اگہ تي اٽو غريبن کي مهيا ڪيو وڃي. هن وقت ٿرم هڪ طرف ڏڪاري حالتون آهن، مزدور طبقو سخت پريشان آهي، ٻچن جو پيٽ پالڻ مشڪل بڻيل آهي، تہ مٿان

ڪري ۽ بيمار ٿيڻ تي دوا خريد ڪرڻ تہ انهيءَ غريب ماڻهوءَ جي وس ۾ بہ نہ رهيو آهي، ماڻهو بک ۽ بيماري وگهي مري رهيا آهن پر سرڪار کي ڪو رحم نٿو پوي، ويتر اٽو مهانگو ڪري ماڻهن جي وات جو گرهہ ڪسيو پيو وڃي، افسوس تہ سنڌ جي سرڪاري گدامن ۾ ڪڻڪ سڙي رهي آهي پر هتي عوام اٽي لپ لاءِ پريشان آهي، فلور ملن کي بہ جيڪا ڪوٽا واري ڪڻڪ ڏني وڃي ٿي انهيءَ جو بہ لاڀ عوام کي نٿو ملي، فلور ملن وارا بہ ساڳي طرح مهانگو اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن، يوٽليٽي اسٽورن تي ايندڙ اٽي

رهندڙ مسڪين ماروئڙن جا مهانگائي لاهہ ڪڍي ڇڏيا آهن، ان سلسلي ۾ شهرن ۾ چڪي مالڪن ۽ فلورز ملن جا مالڪ اٽي جا هٽرادو اگہ مقرر ڪري عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ ۾ رڌل آهن، خاص ڪري نئون سال شروع ٿيندي ئي ٿرپارڪر ضلعي جي شهرن توڙي ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ ڪڻڪ جو اٽو 140 کان 150 روپيا ڪلو ۾ وڪامجي رهيو آهي، جنهن سبب روزاني چار سئو روپيا ڪمائيندڙ مزدور پورهيت طبقو هڪ لولي جي لوڻ ۽ ٻن ويلن جي ماني ڳيپي لاءِ سخت پريشان آهي، ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي غريبن کان جيئڻ جو حق ۽ خوشيون کسي ورتيون آهن، ٿر جي سمورن شهرن ۾ کنڊ، اٽو، چانہ، صابڻ، مرچ، ٽماٽا، آلو، پالڪ، چانور، دال، گيہ، ڪير، ڏهي، ڀاڄين سميت ڪاڌي پيتي جي شين جا اگہ آسمان تي چڙهي ويا آهن، جنهن سبب انهن شين جي خريداري عام ماڻهن ۽ غريب طبقي جي وس کان

جن جي ٻن ويلن لاءِ روزانو چار ڪلو اٽو گهربل هوندو آهي، پورهيت ماڻهو روزاني ملندڙ مزدوريءَ مان تہ صرف چار ڪلو اٽو خريد ڪري سگهي ٿو باقي ٻيون ضرورت جون شيون توڙي بيمارين جي دوا درمل لاءِ پئسا ڪٿان آڻين، پورهيو ڪندڙ توڙي غريب ماڻهو تہ پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن، سڄو ڏينهن پورهيو ڪري مٿاماري ڪرڻ بعد صرف گهر جو اٽو خريد ڪري سگهجي ٿو، مجبوريءَ وچان ٿرم ڪيترائي اهڙا خاندان هوندا جيڪي صرف هڪ ويلو ماني کائين ٿا تہ هڪ

وري سرڪار اٽو مهانگو ڪري غريبن ماڻهن مٿان ڇڻ بم ڪيرائي سندن کان جيئڻ جو حق کسي ڇڏيو آهي، ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو اٽو ڏيڍ سئو روپيہ ڪلو ٿيڻ بعد پنهنجن ٻچن لاءِ ٻن ويلن جو صرف ٽي ڪلو اٽو خريد ڪري پيٽ ڀري ماني بہ کارائي نٿو سگهي. غربت سبب پورهيتن جا ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن، غريب مزدور سڄو ڏينهن پورهيو ڪري گهر وڃڻ وقت انهيءَ پريشاني ۾ هجي ٿو ملندڙ مزدوري پنج سئو مان اٽو خريد ڪري يا چانہ، کنڊ خريد

سميت ٻيون شيون من پسندن کي ۽ دڪاندارن کي وڪرو ڪيون ويندو يون آهن، عوام وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي؟ ٿر ۾ هيل تہ ٻاجهر جو فصل بہ نہ ٿيو آهي جو گذارو ٿئي ها، عام ماڻهو سخت پريشان ٿي ويو آهي، ٿرم اڳ ئي ماڻهو بک ۽ بدحاليءَ سبب خودڪشيون ڪري رهيا آهن، مٿان اٽي جو آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ جهڙو اگہ ٿيڻ بعد ويتر صورتحال سنگين ٿي وئي آهي، هتي تہ حڪومت توڙي انتظاميہ نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي، ٿر جي ڪنهن بہ دوڪان تي ريٽ لسٽ نہ آهي، نہ وري اها چيڪ ڪئي وڃي ٿي، سو هتي دڪاندار پنهنجي مرضيءَ جا ريٽ مقرر ڪري غريبن کي ڦري ۽ لٽي رهيا آهن، ان لاءِ سنڌ حڪومت اهڙي ظلم جو ترت نوٽيس وٺي ٿر جي شهرن ۾ سستي اٽي جا اسٽال لڳائي، يوٽليٽي اسٽور وارن سميت دڪاندارن کي ريٽ لسٽ لڳائڻ جو پابند ڪري، غريب پورهيتن جي پريشانيءَ



# تماشگاه ... بي بي سي اردو ريڊيو بند ٿي ويو



علي حسن

بي بي سي اردو ايف ايم نيوز جو آخري پروگرام بہ ختم ڪري

مهوش حسين اهو ٻڌايو هو تہ ٻڌندڙن جي انگ ۾ تيزيءَ سان گهٽتائي اچي رهي آهي ۽ چيو هو تہ ايف ايم تي اردو خبرون هلنديون رهنديون ۽ ڊجيٽل سروس بہ جاري رهندي. هاڻي ايف ايم سروس جو آخري بليٽن بہ 31 ڊسمبر 2022ع تي شام 7 وڳي نشر ٿيڻ ڪانپوءِ بند ڪيو ويو آهي. مان جڏهن ڪم شروع ڪيو هو تہ فون تي خبرون لکائيٽيون پونديون هيون ۽ سائونڊ افيڪٽس بہ فون تي رڪارڊ ڪرڻو پوندو هو.

چوڻو پيو. چيو ويو هو تہ اردو خبر ايف ايم ريڊيو کان علاوه سوشل ميڊيا ذريعي بہ ٻڌندڙن کي ملنديون جيڪي هاڻي بند ٿي ويون آهن. بي بي سي اردو سروس 1949ع ۾ شروع ڪئي هئي. 1949ع کان 2023ع تائين اردو سروس ڪيترن ئي هيٺانهين مٿانهين مان گذري آهي. هندي سروس 1940ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي جيڪا اڄ تائين جاري آهي.

پاڪستان ۾ بجلي جي کوٽ ڪنهن وٽ ريڊيو سيٽ موجود آهي تہ اهو ڪٽي اچي، تقريبن سيني انڪار ڪيو. ان جي برعڪس ڀرارڙيءَ وارن علائقن ۾ اڄ بہ ريڊيو سيٽ هر گهر جي زينت بڻيل آهي.

ڪافي عرصي کان مان پنهنجي راءِ رکندو هيس تہ پاڪستان ۾ ٻڌندڙن جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. هڪ دفعي تہ مون ان ڳالهہ جو اظهار عباس ناصر جيڪو ان وقت اردو سروس جو سربراهہ بہ هو.

ريڊيو کي ٽي خدا حافظ چئي ڇڏيو. هاڻي بي بي سي اردو نالي جي ڪابہ سروس ناهي رهي. پهرين مرحلي ۾ صبح جي وقت نشر ٿيندڙ پروگرام "جهان نما" بند ڪيو ويو هو. پوءِ رات جي وقت گهڻو ٻڌجندڙ پروگرام "شب نامہ" کي بند ڪيو ويو هو. ان کانپوءِ هڪ ڪلاڪ نشر ٿيندڙ "سير بين" پروگرام جو وقت گهٽائي اڌ ڪلاڪ ڪيو ويو. انهن پروگرامن کي بند ڪرڻ جو بنيادي سبب بي بي سي اردو جي سربراهہ

ٽيڪنالاجي تبديل ٿي تہ خبرون رڪارڊ ڪري اي ميل ذريعي موڪليون وينديون هيون. ان کان پوءِ سافٽ ويئر مليو جنهن ۾ رڪارڊنگ ۽ ايڊيٽنگ جي سهولت موجود آهي، ان تي ڪم ڪندا هئاسين. پوءِ ايف ٽي پي ذريعي موڪلي ڇڏيندا هئاسين. بي بي سي ايف ٽي پي جو سلسلو ختم ڪيو تہ خبرون اي ميل ڪيون وينديون هيون. نشريات جون سهولتون وڌيون. ان ڪري سير بين کي بہ ريڊيو کي الوداع

سبب ملڪ جو وڏو علائقو اڃا تائين ريڊيو تي ڀاڙيندو آهي. جن شهرن ۾ ڪيبل پهچي چڪي آهي، اتي ريڊيو ٻڌندڙن جو انگ گهٽجي ويو آهي. انهن شهرن ۾ ريڊيو سيٽ خالي رهجي ويا آهن. ان ڳالهہ جو اندازو مون کي گهڻو اڳ اهڙي ريت ٿيو هو جو ٿرپارڪر جي هڪ خبر ڪرڻ کان پوءِ هڪ چوڪ تي ويٺل ماڻهن سان گهيريل هيس. مان خبر ٻڌڻ چاهيان پيو. مان پنهنجي آس پاس موجود ماڻهن کان پڇيو تہ

سان بہ ڪئي هئي، پر جواب ۾ هن اصرار ڪيو هو تہ بي بي سي طرفان سروي ڪندڙ ٽيم جي راءِ مختلف آهي، يعني اها ان ۾ واڌ ٻڌائيندي هئي. بي بي سي جي ٻڌندڙن جي انگ ۾ اضافي لاءِ بي بي سي اردو بي بي سي سنگت جي عنوان سان ملڪ جي مختلف علائقن ۾ پروگرام ڪيا هئا. ان جو مقصد ٻڌندڙن جو انگ وڌائڻ هو. ڪو وقت هو جڏهن ماءُ پيءُ پنهنجي ٻارن کي اردو بهتر بڻائڻ لاءِ بي بي سي ٻڌڻ جي صلاح



ڏيندا هئا. ڪو وقت هو جڏهن لفظن جي ادائگي سان گڏوگڏ ادائگي جو طريقيڪار تي به ڀرپور ڌيان ڏنو ويندو هو جيڪا بي بي سي اردو جي خاصيت هئي. پنهنجي رپورٽرن جا اچار درست ڪرڻ لاءِ دردانہ انصاري جهڙي ماهر عورت ۽ ٻيا درجنين ماڻهو هوندا هئا. دردانہ ته ڪيترائي ڀيرا منهنجي اچار به درست ڪيا هئا. رپورٽرن ۽ پروڊيوسرن جي پرتيبن چنڊڇاڻ ڪري ڪئي ويندي هئي. هڪ سينيئر پروڊيوسر راشد اشرف چوندو هو ته پروڊيوسرن تي ڪا به پابندي ناهي هوندي بلڪ خبر نشر ٿيڻ ڪانپوءِ انهن کان جواب طلب ڪيو ويندو آهي. رپورٽرن جو معاملو به اهڙو ئي هو ته هنن کي خبر ڏيندي وقت پروڊيوسر ۽ پروگرام ايڊيٽر جو امتحان پاس ڪرڻو پوندو هو. بي بي سي ۾ هڪ غلط خبر نشر ٿيڻ ڪانپوءِ اهو قاعدو ٺاهيو ويو ته ضروري ناهي ته رپورٽر جي خبر سڀ کان پهرين نشر ٿئي، پر اهو ضروري هوندو ته اها صحيح خبر سان گڏ پلي ٻئي نمبر تي ئي رهي. مون 1988ع ۾ بي بي سي لاءِ فري لانسر جي حيثيت سان رپورٽنگ شروع ڪئي، بعد ۾ هڪ باقاعده پگهاردار ملازم بڻجي ويو هيس.

مون کي اهو فخر حاصل آهي ته منهنجي هڪ به خبر غلط ثابت نہ ٿي. اهڙا ڪيترائي مرحلا آيا جڏهن قدم گهٽو احتياط سان کڻڻا پوندا هئا. منهنجون ڪيتريون ئي خبرون خاص ڪري ٽنڊي بهاول جو خوفناڪ ۽ دل ڏاريندڙ واقعو جنهن ۾ هڪ ميجر ارشد جميل جنجوعہ هڪ درجن ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو هو تاريخ جو حصو آهي. ميجر کي بعد ۾ ڦاهي جي سزا ڏني وئي هئي. اها خبر پهريان بي بي سي پاران ئي نشر ڪئي وئي هئي. مير مرتضيٰ ڀٽو جي تدفين جي موقعي تي ئي هن جي بيواهہ غنويٰ ڀٽو سان قبرستان ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾، مان ڪامياب رهيو هيس. انهن خبرن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي ۽ ڪيترين خبرن جا ته قصا آهن. انهن قصن مان ته ڪيترائي قصا ڪوڪراپار واري ڪمال کي به ياد آهن. ڪمال کي اهو ڪمال حاصل آهي ته اهو بي بي سي ريڊيو تي ڪم ڪندڙ مون سميت ڪيترن ئي ماڻهن جي نقل ڪري وٺندو هو. بي بي سي اردو ٻڌڻ وارا ماڻهو به گهڻجي رهيا آهن. اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي صرف سير بين بليٽن جي شروعاتي موسيقي ٻڌندا هئا.

هونئن ته بي بي سي اردو سروس جي مختلف دورن ۾ سوين معتبر ماڻهن جا نالا اچن ٿا جيڪي بي بي سي سان وابستہ رهيا ۽ انهن سير بين کي مشهور ڪرڻ ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پر منهنجي دور ۾ رضا علي عابدي، آصف جيلاني، علي احمد خان، دردانہ انصاري، مهہ پاره صفدر، ارجمند بانو، شفيع نقي جامعي، وسعت الله خان، مهوش حسين، ڪاشف قمر ۽ ٻين ماڻهن کي ڊگهي عرصي تائين انهن کي پنهنجي انفرادي انداز ۾ خبرون پڙهڻ، پروگرام پيش ڪرڻ ۽ آواز شامل ڪرڻ تي ياد رکيو ويندو. سير بين جي مختلف پروگرامن سائنس ڪلب، شاهين ڪلب، ڪيل کي ميدان سي، آج ڪا سوال ۽ ٻيا ڪيترا ئي پروگرام ٻڌندڙن کي اڄ به ياد آهن. بي بي سي ايف ايم لاءِ خبرن جي سلسلي ۾ عبيد ملڪ، ڪاشان اڪمل، آسيہ عنصر، ناديہ سليمان، نازش فيض، نازش ظفر، سعد سهيل، صبا ناز، ثنا گلزار انهن ستر سالن ۾ بي بي سي اردو سروس سان ڪيترائي صحافي ۽ ماڻهو لاڳاپيل رهيا ۽ انهن ئي سالن ۾ بي بي سي اردو جا مختلف دور آهن. آخر ۾ ته بي بي سي اردو جي نشريات لنڊن کان اسلام آباد منتقل ڪئي وئي هئي، جيڪا اسلام آباد جي هڪ اسٽوڊيو مان نشر ڪئي ويندي هئي. نالن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. سڀ پنهنجون يادون ڇڏي ويا. منهنجي دور ۾ پاڪستان مان مون کانسواءِ رپورٽنگ ڪندڙن ۾ وسعت الله خان، اقبال جعفري، ظفر عباس، ادريس بختيار، هارون رشيد، رحيم الله يوسفزئي، ايوب ترين، علي حسن، رياض سهيل، ارمان صابر، شاهد ملڪ (لنڊن ۾ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ شاهد ملڪ لاهور مان نمائندگي ڪندو هو)، علي سلمان، اعجاز مهر، عزيز الله خان وغيره جا نالا مشهور ٿيا. هاڻي جڏهن اردو ريڊيو ئي بند ڪيو ويو آهي ته ٻڌندڙن کي بهرحال بي بي سي اردو جون خبرون ۽ پروگرام ٻڌڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ نہ ملنديون. ڇيو وڃي ٿو ته خبرون ڏنيون وينديون آهن پر ٻين ذريعن کان، اهي ٻيا ذريعا گهٽ ۾ گهٽ اڃا تائين عام ماڻهوءَ جي پهچ کان تہ پري ئي آهن، ڇو ته انهن جي مالي طاقت سمارٽ فون خريد ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي.





GFS
BUILDERS & DEVELOPERS
CREEK GOLD CENTER
Dream of your Living
BECOME REALITY
3, 4 & 5 ROOM APARTMENTS
MODERN OUTLET | FLEXIBLE PAYMENT PLAN
TOLL FREE 0800-43700
0301-1155760 | 0302-8255578
buildersgfs | www.gfsbuilders.com.pk

# نئين سال جو نئون ڏينهن ۽ اُميدن جي پيڙي

اڄ نئين شروع ٿيل سال 2025ع جو نائون ڏينهن آهي، سومر نائين جنوري 2025ع اُن حساب سان سنڌ ۾ عام چوڻي مشهور آهي ته 'نئين ڪنوار نوَ ڏينهن' اها چوڻي نئين سال تي به پوليس جي 'قلم لاڳو' وانگر لاڳو ٿئي ٿي. اها ئي ڳالهه آهي ته انهيءَ موقعي مناسبت سان 'وڃي نه وڃي وٽ رينگٽ ڪي' وارو مثال به منديءَ تي ٽڪ آهي. بهرحال نئين سال جي شروعات سبب نيون ڳالهيون حال في الحال ٿينديون رهنديون ۽ خاص ڪري سنڌ واسي ته اهو ئي چوندا ته 'سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار' ڇو ته سال 2024ع دوران سنڌ ۽ سنڌ واسين کي گهڻوئي مالي، جاني نقصان پهتو آهي، خاص ڪري ساوڻ جي برسات ۽ ان جي پاڻيءَ کي رستا روڪ ڪرڻ سبب، جنهن ۾ آگسٽ 16 کان 28 آگسٽ تائين وسندڙ برسات جي پاڻيءَ جا سنڌ ۾ ڇڇ ڇٽي پيا ۽ سنڌي چوڻيءَ مطابق سنڌ ۾ 'مينهن ڏاڍوٽا ڪيڏي ڇڏيا' جنهن سان ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿيڻ سان گڏوگڏ چوپايو مال ۽ گاهه، فصل به تباهه ٿي ويا. سنڌ جا تباهه حال علائقا خيرپور ناٿن شاهه، ڪوٽڏيجي، ٺري ميرواهه، جهڏو، ڪاڇي طرف گاجي کهاوڙ، وارهه، سيوهڻ جا ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا ۽ هن وقت به زمين تي چار، چار فوٽ پاڻي بيٺل آهي. اهوئي سبب آهي ته حيدرآباد جي ڊويزنل ڪمشنر صاحب بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪمشنر کي خط لکيو آهي. ان ڪري سنڌ لاءِ گذريل سال 2024ع جو اڄ نائون ڏينهن ۽ نائين تاريخ آهي (نئين ڪنوار نوَ ڏينهن وانگر) ان موقعي تي رب کان اها ئي دعا آهي ته 'سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار.' نئين سال جي ڳالهين سان گڏ هڪ پراڻي سال جي ڳالهه به آهي، جڏهن ملڪ ۾ ايوب خان جي سرڪار هئي ۽ اهڙيون ڪجهه حالتون صدر يحيٰ ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي وقت تائين به (1968ع کان 1972ع) ۾ رهيون هيون، جن ۾ اٽو اٽلپ، کنڊ غائب، چانهه جي پتي گم ٿي وئي هئي. ان زماني ۾ بازاري گيهه (تيل ته اڃا نه آيو هو) المعروف ڊالڊا ايترو نالي چڙهيو نه هئڻ ڪري عوام جي عام استعمال ۾ نه هو. پر حڪومتن اٽو، چانور، گيهه، کنڊ عوام کي ڏيڻ لاءِ راشن ڊيپو قائم ڪيا هئا ۽ هر هڪ گهر ڀاتيءَ لاءِ هڪ راشن ڪارڊ مقرر ڪيو ويو هو ۽ انهن جو داڻو پاڻي راشن ڊيپوءَ تي اچڻ ڪانپوءِ محفوظ پيو هوندو هو ۽ هو جڏهن چاهي خريد ڪري وٺي. اڄڪلهه جيان سستائي ۽ رعايت جو ٺپو صرف بينظير انڪم سپورٽ وارن لاءِ هار سينگار ڪري بيٺل يوٽيلٽي اسٽورن تي نه هو. هن وقت به ملڪ ۾ ساڳي ماضيءَ واري حالت آهي ۽ ان لاءِ ضروري آهي ته ملڪ جي پوري آباديءَ کي في گهراڻي راشن ڪارڊ بحال ڪري يادگار راشن ڊيپو وري ٻيهر کولي مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪيو وڃي. ان ۾ رڳو بينظير انڪم سپورٽ وارا آڳرين تي ڳڻڻ جيترا نه هجن. هن وقت سڄو ملڪ اٽي لاءِ پريشان آهي. حڪومت عوام کي سستو اٽو نٿي ڏئي سگهي ته عوام کي سنئون سڌو گهرڀاتين جي حساب سان خود ڪٽڪ جو اَنُ ڏي ۽ خود عوام ۾ اهو اَنُ ڪٽڪ ڪٽي وڃي چڪيءَ تان پيهائي (اٽو ڪرائي) وٺي. اُن سان اٽو مهانگو هجڻ جي شڪايت ختم ٿي ويندي. سنڌ ۾ اَنُ پاسڪو کان وٺي ٻولهاڙي جي گدامن ۾ موجود هوندو آهي. جڏهن ڳالهه سال، سالن ۽ زماني جي نڪتي آهي ته هڪ اهڙوئي سال هو، جنهن ۾ اڄڪلهه وانگر ئي سخت



مهانگائي هئي ۽ خرچ وڌيڪ ڪمائي گهٽ ٿي رهي هئي. ان زماني ۾ شهرن ۾ ٿحقو مرد چڪيندا هئا ته ڳوٺن (ٻهراڙين) ۾ وري عورتون چلم پيئنديون هيون. سو ان زماني ۾ مهانگائيءَ کي منهن ڏيڻ ۽ مهانگائي کان بچڻ لاءِ هڪ گهر ۾ زال ۽ مڙس هڪ زبردست فيصلو يڪ رائي سان منظور ڪيو ته ملڪ ۾ هر طرح سان مهانگائي آهي، هر شيءِ اٺلبي آهي ۽ خرچن ۾ اضافو هئڻ ڪري پورت نٿي پئي، ان ڪري گهر ۾ بچت ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واهه نه آهي. ان فيصلي تحت گهرواري (زال) چيو ته هاڻ نوڪرياڻيءَ کي جواب ڏيون ٿا، گهر ۾ ٻهاري ڏيڻ، ٿانوَ ملڻ جو ڪم آئون ڪنديس ۽ ان سان مهيني ۾ سئو روپيا ۽ سال ۾ ٻارنهن سئو روپين جي بچت ٿيندي. مڙس چيو ڪپڙا ڌوٻيءَ کان ڌوئارڻ بند، گهر ۾ پاڻ ٻئي گڏجي ڌوئينداسين. ان حساب سان مهيني ۾ ڪافي بچت ٿيندي. ان ڪانسواءِ ڪير لاءِ هڪ ٻڪري بيهاريون ٿا، کيروٺڻ بند ڪرڻ سان به بچت ٿيندي. بجليءَ جو بلب ٻارڻ کان اڳ ئي سج لٿي ڪائي پي دڙئي سمهي رهنداسين ۽ بجليءَ جو پکو هلائڻ بدران صرف پينگهي ۾ ويهي هٿ وارو پکو هڻبو. ته لائيٽ جي بل مان به جان ڇٽي ويندي. ان بعد مڙس زال کي چيو ته هاڻ تون جيڪا گهر ۾ چلم ويٺي پيئندي (چڪيندي) آهين، اها به بند. ان تي زال هڪدم چيو ته 'آئون چلم ته نٿي ڇڏي سگهان، البته ايترو ڪري سگهان ٿي ته چلم کي ٻارڻ لاءِ گهر ۾ استعمال ٿيندڙ ماچس (باڪس) جي تيلي ٻاري چلم کي ڏکائڻ (ٻارڻ) بدران پاڙي جي گهر مان ٻاهران ٽانڊو ڪڍي اچي ٻاريندس. هيءُ پراڻي زماني جو قصو هن نئين زماني جي نئين سال ۾ ان ڪري ياد اچي ويو ته هن نئين سال شروع ٿيڻ شرط ان جي ٽئين ڏينهن يعني گذريل اڱاري تي وفاقي ڪابينا ملڪ ۾ مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ خاص ڪري توانائي بچائڻ لاءِ ناٽي واري وزير اسحاق ڊار عوام کي اکين ۾ نه رڳو سرمو پارايو پر دماغ جا چارئي طبقا روشن ڪندي دماغ جي انساني کوپڙي ۾ سبز باغ به ڏيکاريا ۽ ڪلاڪ کن جي تقرير ۾ ملڪ لاءِ عوام کي ڪروڙين، اربين، کربين روپيا بچائي نه رڳو ڏيکاريا، پر ڏئي به ڇڏيا، پر بجليءَ جي بچت لاءِ ملڪ جي دڪاندارن حڪومت جو سنڌي چوٽي 'سوپر سمجهي، سوپر اٽجي' کي ڏڪ ۾ رد ڪري ڇڏيو ۽ هنن سوير پنهنجا دڪان بند ڪرڻ کان ٺپ انڪار ڪري ڇڏيو. خاص ڪري ملڪ جي وڏي صوبي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي واپارين. هنن واپاري دڪاندارن ۽ چلم واري عورت ۾ ڪهڙو فرق ٿيو. جيڪا چلم ته ضرور پيئندي پر چلم کي ٻارڻ (دکائڻ) لاءِ گهرواري ماچيس جي تيليءَ جي بچت ڪندي ان کي نه ٻاريندي ۽ پاڙي جي ڪنهن گهر مان ٽانڊو ڪٽي اچي چلم کي ٻاريندي. پر چلم وارو خرچ ته برقرار رهندو. بلڪل ان وانگر وزير خزانه اسحاق ڊار توانائي واري بچت تي جيتري پنهنجي توانائي ضايع ڪئي، ان ۾ ڪاش پنهنجي وزيرن، مشيرن جي 80 ڄڻن جي لشڪر تي به ڪو ڌيان ڏئي ها. وزيراعظم کي وزير، مشير ڪڍائڻ ۽ ان ڪانسواءِ وزيرن جا غير ملڪي دورا ختم ڪرڻ جو چوي ها ۽ پڻ ملڪ اندر اڏام ڪتولي تي وزير دورا نه ڪن، جو به ڪو حڪم جاري ڪري ها. وزير خزانه لطيفي جهڙو فيصلو اهو به ٻڌايو ته 12 سيڪڙو بجليءَ جي بچت ٿيندي پر ان لاءِ وزير صاحب اهو نه ٻڌايو ته 12 سيڪڙو بجليءَ جي بچت ظاهر ڪرڻ وارا ڏار ميٽر لڳايا ويندا يا هلندڙ ميٽرن تي ڪو جادو ڪيو ويندو ته ان مان ظاهر ٿيندو ته 12 سيڪڙو بجليءَ جي بچت ٿي آهي. مطلب ته اهڙا اڏ اڪري جهڙا اعلان ۽ فيصلا نه سمجهڻ جا آهن ۽ نه وري سمجهائڻ جا آهن. هفت زبان شاعر سچل سرمست اهڙن ماڻهن ۽ اهڙن فيصلن لاءِ تڏهن ته چيو آهي 'آپڻا آپ ٺاهيندي هي آپڻا آپ ڊاهيندي هي' سو اڄڪلهه جا سياستدان ۽ وزير پنهنجو پاڻ ٺاهين ٿا ته پنهنجو ڊاهين به ٿا، جنهن جو سياسي ۽ ٽيڪنيڪل نالو يوٽرن آهي. پراڻين ڳالهين ۾ راقم اهو به ظاهر ڪري ته ننڍي عمر ۾ لغڙ اڏائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، پر راقم ڪڏهن به بنا پڇ جي لغڙ نه اڏايو ۽ نه ئي اڏائڻ ايندو هو. جنهن کي عرف عام لنڊو لغڙ به چيو ويندو آهي. ان جي مقابلي ۾ راقم لغڙ کي هٿان، هٿان ڪپڙي جي اڳڙين جو پڇ ٺاهي ٻڌي لغڙ اڏائيندو هو، پر ساٿين ان لغڙ کي جڏهن ڪپڙي جو پڇ ٻڌي آسمان طرف هوا ۾ اڏايو ويندو هو ته اها لغڙ مان ڦري لغڙي ٿي ويندي هئي. يعني لغڙ لغڙي به مونث ۽ مذڪر ۾ تبديل ٿي ويندا هئا. هن پراڻي زماني واري لغڙ يا لغڙيءَ تان ياد آيو ته هن وقت سنڌ جو گورنر پنهنجي پارٽي ايم ڪيو ايم





جي قاتل نشان واري لغڙ يا لغڙيءَ کي ڇتي هڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. ان لاءِ هي ايم ڪيو ايم جا ڏار ٿيل ٽئي گروپ ملائي هڪ ڪرڻ جي مشن تي لڳل آهي، جنهن ۾ مقبول صديقي پهرين ئي سنڌ ۾ پ پ سان اڪر پوري واري راند ڪندي پنهنجو ئي گورنر روزگار ۾ هٽائي مقرر ڪرائي ڇڏيو. جيڪو هاڻ وري ان گروپ سان ٽنهي ڏڙن کي هڪ ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي. ان ۾ فاورق ستار مهاجر گروپ، مقبول صديقي متحده گروپ ۽ مصطفيٰ ڪمال جو پاڪ سرزمين گروپ شامل آهن. هنن ٽنهي کي هڪ ڪرڻ کانپوءِ وري ساڳي ايم ڪيو ايم جو ٻيهر جنم ٿيندو. مهاجر قومي مووميننٽ جي زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ عقوبت خانہ، ٻوري بند لاش، اغوا، ڀتي خوري، هڙتال مٿان هڙتال، سرڪاري آفيس تي قبضا هوندا هئا ۽ ان کانسواءِ مرڪز ۾ پيپلز پارٽيءَ جي سرڪار هجي يا مسلم ليگ (ن) جي پر ايم ڪيو ايم جا نت لڳا پيا هوندا هئا. گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري کي اهڙي حالت ۾ هڪ پروگرام دوران هڪ همراهہ جوتو واهي ڪڍيو. اهڙيءَ ريت گورنر سنڌ بہ مشهور جوتا ڪلب جو خود بہ خود ميمبر بڻجي ويو. البتہ اها خبر نہ آهي تہ اهو جوتو هڻڻ واري پنهنجي پير مان لاهي اڇلي ڦهڪو ڪري هنيو هو يا هو ڪو ايڪسترا ڪنهن جوتن جي جوڙيءَ مان ڪو پادر ڪڍي آيو هو. بهرحال هن کان اڳ بہ پادر ڪلب ۾ ڪيترائي ملڪي سربراهہ پادر کائي چڪا آهن. بهرحال پادر هڻڻ جي پهرين شروعات ڪتان تي هئي، پر ايسترو ياد ضرور آهي تہ ويجهڙائيءَ ۾ پادر اڳوڻي عراقي صدر صدام حسين کي لڳو هو ۽ آخري جوتو شايد گورنر سنڌ کي لڳو آهي، جيڪو ايم ڪيو ايم جا ٽولا هڪ ڪرڻ لاءِ آفاق احمد وٽ وڃي چڪو آهي. سرڪار جي سرڪاري ڪاتن جو ڪم وائکو آهي، جنهن مطابق سنڌ جي وزير صحت عذرا پيچوهو ڪراچيءَ ۾ هڪ لفٽ ۾ ڏهہ منٽ ڦاسي پئي، جڏهن تہ اهڙا واقعا اڳ بہ ملڪ ۾ ٿي چڪا آهن. جنهن ۾ اڳوڻو وزيراعظم معراج خالد بہ لفٽ ۾ ڦاسي پيو هو. اڄڪلهہ ملڪ ۾ هرڪو پنهنجي سياسي ديگڙي ڏار چاڙهيو ويٺو آهي ۽ حڪومت پنهنجو اقتدار بچائڻ لاءِ هر طريقو استعمال ڪري رهي آهي ۽ سياستدان عام اليڪشن کان اڳ 15 جنوريءَ تي پهرين بلدياتي چونڊن ۾ پنهنجي قسمت آزمائي ڪرڻ لاءِ سندرا ٻڌي رهيا آهن. 15 جنوري تي ٿيڻ واري بلدياتي چونڊن ۾ ڪراچي اندر پيپلز پارٽي تہ خوش آهي پر ايم ڪيو ايم وارا ناخوش آهن. ڇو تہ تڪن ۾ ٻيهڪ سبب ايم ڪيو ايم کي نقصان جو انديشو آهي، البتہ تاحال سيئي اميدون اليڪشن ٿيڻ لاءِ آهن، پر سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ ونواهہ ۾ ويٺل ڪنوار کي بہ مائٽ اٿاري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ اها رٿيل شادي نہ ٿي سگهندي آهي، سو پنهنجي ملڪ ۾ سڀ ڪجهہ ممڪن آهي. ڇو تہ جتي ڪارا ڪجهہ وقت ۾ اڇا ٿي وڃن ۽ اڇا (سفيد) وري ڪارا ٿي وڃن تہ ان ۾ ڪا بہ حيراني ۽ عجيب ڳالهہ نہ سمجهڻ گهرجي. ڇو تہ اڳ ٽامي جي ٽانوَن کي ڪَس ٿيڻ کانپوءِ ٻارهين مهيني قَلعي گر کان قَلعي ڪرايو ويندو هو. بلڪل هتي بہ سياستدان حڪمران سڀ قَلعي ٿيندا رهندا آهن. البتہ اڄ نئين سال جي نائين تاريخ آهي ۽ سومر سائي جو نئون سج اڀريو آهي ۽ نئين سال جو هني مون آهي ۽ جنهن وقت اوهان هي پڙهي رهيا هوندا تہ ملڪ جي وڏي صوبي پنجاب جي سياست ۾ وڏو ملاکڙو متل هوندو. ڇو تہ بقول اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو هو تہ سومر نائين تاريخ تي پنجاب جو وزيراعليٰ اعتماد جو ووٽ وٺندو، پر هاڻ ووٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو آهي. ان ڪري پنجاب جي سياسي راند شطرنج راند ٿي وئي آهي ۽ ان تي محمد ابراهيم جو ڪلام فٽ اچي ٿو. 'اميدن جي ٻيڙي درياهہ منجهہ آهي، ٻوڙيو يا ڪي تاريو'.

******





# A PLACE LIKE GOLD IN THE PRICE OF CLAY

**You too can own your own home**

# Ramzan Village Hawks Bay Road Karachi

**Survey No. 219,214,182, Deh Lal BHakar Tapo Gabo Pat Kiamari Town Karachi**

**Along the beach** — **Calm atmosphere**

**Hawks Bay Road, Near Nasir Brohi Hotel and Comprehensive Mosque Ishaq's connected**

**240 گز** — **120 گز**

## Contact for residential and commercial plots

**Good news for poor and homeless people in densely populated areas**

پہلے وزٹ — بعد میں بکنگ — فوری تعمیر — فوری قبضہ

**آج ہی بکنگ آج ہی تعمیر**

دیر نہ کریں، پلاٹوں کی تعداد محدود ہے

| | | |
|---|---|---|
| سیّد البشر 0300-8939711 | شیخ فرید 0315-8704889 | قاری عبداللہ راہی 0323-2620116 |
| محمود الحسن 0300-2791194 | مہتاب بھائی 0312-2380445 | محمد شفیع 0310-2733120 |

رابطہ نمبرز

مولانا محمد ابراہیم خلیل

0304-9593035
0318-2017293
0334-2030772
0323-2086640



# ٿرڪول مان بجلي پيداوار جي شروعات، پوري قوم لاءِ خوشخبري!

سنڌ سميت سڄي ملڪ لاءِ اِها انتهائي سُرهائيءَ جي خبر آهي تہ ٿر جي ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار شروع ٿي ويئي آهي، جنهن ڪانپوءِ پهريون پيرو ٿرڪول مان پيدا ٿيل 330 ميگاواٽ بجلي ٿر پاور پلانٽس کان نيشنل گرڊ اسٽيشن کي فراهم ڪرڻ جو عمل بہ شروع ڪيو ويو آهي، سنڌ حڪومت پاران ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ٿيڻ جي پڻ تصديق ڪئي وئي آهي، اينگرو ڪمپني جي احسن ظفر حسين جو چوڻ آهي تہ ڪوئلي مان بجلي پيدا نہ ٿيڻ جا سمورا خدشا ختم ٿي ويا آهن ۽ اسان ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪري ڏيکاري آهي، هُن اهو پڻ ٻڌايو تہ 660 ميگاواٽ جي بجلي گهر جي پهرين يونٽ جو ڪم وقت کان اڳ مڪمل ڪيو ويو آهي، هلندڙ سال جون مهيني تائين ٻيو يونٽ بہ بجلي جي پيداوار شروع ڪندو.

سنڌ سميت پوري ملڪ جي عوام لاءِ هي خوشيءَ جو موقعو آهي جو ٿر جي ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار شروع ٿيڻ بعد ان جي قومي گرڊ اسٽيشن ۾ فراهمي بہ شروع ڪئي وئي آهي، اهو خواب 1993ع ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ڏٺو هو، جنهن جو مقصد ٿر جي ڪوئلي تي بجلي گهر لڳائي ملڪ ۾ بجلي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏ ملڪي صنعتن جي لاءِ انتهائي سستي اگهن تي بجلي مهيا ڪرڻ هو پر بدقسمتي سان اسان وٽ وسيلن جي کوٽ ۽ مختلف وقتن تي حڪومتون تبديل ٿيڻ ڪري ٿرڪول واري منصوبي تي ڪم رُڪجڻ ڪري وقت سر ڪوئلي مان بجلي جي پيدوار نہ ٿي سگهي، تنهن هوندي بہ دير سان ئي پر هِن وقت ٿرڪول مان بجلي جي پيداوار يقينن تمام وڏي ڪاميابي آهي ۽ هي ٿر جي ماروئڙن ۽ سنڌ جي عوام جي خوشيءَ جو بہ موقعو آهي. سنڌ اڳ بہ تيل ۽ گئس جي پيداوار ۾ سڄي ملڪ ۾ سيني صوبن کان اڳيري رهي آهي ۽ هاڻ بہ سنڌ جو اهو واريا سو ۽ ڏڪار سٽيل علائقو، جنهن کي سدائين هر دور جون حڪومتون نظرانداز ڪنديون رهيون آهن، پر ان هوندي بہ ٿر ۽ سنڌ هن ملڪ ۽ پوري قوم کي ڪڏهن بہ نظرانداز ناهي ڪيو، سنڌ ماءُ جيان پاڻ نہ ڪائي بہ پنجاب سميت ملڪ جي ٻين سيني صوبن کان کارايو آهي پر افسوس تہ موٽ ۾ سنڌ کي بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ غربت سميت ٻين محرومين ڪانسواءِ ڪجھ نہ مليو. هن وقت ملڪ جي وڌندڙ آباديءَ جي ڪري بہ هڪ ئي وقت گئس، تيل ۽ بجليءَ جي کپت ۾ بہ تيزيءَ سان واڌ اچي رهي آهي ۽ اُهوئي سبب آهي جو سڄو ملڪ توانائي جي حوالي سان بحران ۾ گهيريل نظر اچي ٿو ۽ اُها صورتحال مستقبل ۾ اڃا بہ وڌن بحرانن کي جنم ڏيندي، ان ڪري اهڙي صورتحال کان بچڻ لاءِ ٿرڪول مان بجلي پيدا ڪرڻ جهڙا منصوبا ملڪ جون توانائي واريون

گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ لاڀائتا ثابت ٿيندا. ٿر ۾ موجود ڪوئلي جا ذخيرا دنيا جي چند وڏن ذخيرن مان آهن، ٿر جي ڪوئلي مان بهترين ڪوائلٽي جو ٿي بلين ڪوئلو اسلام ڪوٽ جي ويجهو چار بلاڪن ۾ موجود آهي، ٿر جو سڄو ڪوئلو ايترو وڏيڪ آهي جو پاڪستان ڪيئي سالن تائين پنهنجي بجلي ۽ گئس جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي ٿو. اسين ٿرڪول رٿا جي ڪاميابي تي نہ رڳو قوم کي واڌايون ڏيون ٿا بلڪ اها اميد بہ ڪريون ٿا تہ حڪومتي اختياريون ٿر ۾ ڪم ڪندڙ ملڪي توڙي غيرملڪي ڪمپنين کي ٿر ۾ سماجي ذميواريون پوريون ڪرڻ ۽ اُتي جي علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان بہ سنجيدگي سان قدم کڻڻ تي زور ڀريندي يون. هِن موقعي تي اسين اها بہ صلاح ڏيند اسين تہ ٿر جي ڪوئلي جي رٿائن مان جيڪڏهن سنڌ وڌ کان وڌ فائدو کڻڻ چاهي ٿي تہ پوءِ سنڌ حڪومت کي سنڌ جي پڙهيل لکيل نوجوانن کي سکيا ڏيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اليڪٽريڪل، مڪينيڪل، ڪيميڪل انجنيئرنگ، ٽيڪنيشن ۽ ڊپلوما هولڊرز نوجوانن کي روزگار ڏياري سگهجي، اسان وٽ پنهنجا تربيت يافتہ ماڻهو هوندا تہ نہ صرف روزگار بہ پنهنجن ماڻهن کي ملي سگهندو ۽ معاشي صورتحال بهتر ٿيڻ سميت توانائي جون ضرورتون بہ پوريون ٿي سگهنديون. ارڙهين ترميم ڪانپوءِ صوبن کي قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ جا ڪجهہ اختيار مليا آهن تہ پوءِ سنڌ جي حڪومت تي بہ اُها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي تہ ان کي ٿر جي ڪوئلي، سنڌ جي گئس ۽ ٻين وسيلن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ نوس قدم کڻڻ گهرجن، ساڳئي وقت ٿر ۾ ڪوئلي جي حوالي سان روزگار لاءِ قائم ڪيل ٽيڪنيڪل ڪاليجن ۽ مونوٽيڪنيڪل اسڪولن ۾ فني تربيت کي يقيني بنايو وڃي ۽ هر سال اتان تربيت وٺي نڪرندڙ نوجوانن کي ٿر ۾ روزگار ڏيارڻ لاءِ ڪمپنين کي پابند بنايو.

جيڪڏهن درست طريقي سان منصوبابندي ۽ حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي تہ ٿر وڏو صنعتي زون ٿي سگهي ٿو، جنهن سان هڪڙي پاسي لکين ماڻهن کي روزگار تہ ٻئي پاسي صنعتي زون قرار ڏئي وڏي پيماني تي صنعتڪارن کان سرمائيڪاري ڪرائي صنعتون لڳائي سگهجن ٿيون، جنهن سان ٿر جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ ڪاروبار ۽ خوشحالي واريون سرگرميون شروع ٿينديون. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ ٿر جي ماڻهن کي پنهنجا اباڻا ڪک، جهُڳيون ۽ زمينون ڇڏڻ ڪري جن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو، انهن جي قربانين، ملڪيتن ۽ زمينن جو مناسب معاوضو بہ ملڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ ملڪي ترقي عيوض انهن مسڪين ماروئڙن کان لڏپلاڻ ڪرائي وئي، انهن کي پنهنجي ڌرتي جو ۽ سندن ڌرتي هيٺان لڪيل ڪاري سون جو معاوضو، انهن جي مالڪي جو حق، اتي پيدا ٿيندڙ روزگار جو حق ڏيارڻ حڪومت جي ذميداري آهي.

بجلي جو بحران تہ پرويز مشرف جي دور کان هلي رهيو آهي، جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي، نواز ليگ جي اڳوٽي حڪومت ۾ اها دعويٰ ڪئي وئي هئي تہ بجلي جي بحران تي ضابطو آندو ويو آهي پر جڏهن کان تحريڪ انصاف جي حڪومت قائم ٿي آهي، ان ڏينهن کان بجلي جو بحران ٻيهر وڌي ويو آهي، جنهن سبب ڪاروبار تباهہ ٿيندو پيو وڃي، ايتري قدر جو ڪيترن ئي علائقن ۾ تہ بجلي اچڻ جو نالو ئي نہ وٺندي آهي. بهرحال سنڌ جو عوام بجلي جي لوڊشيڊنگ جو تہ عادي ٿي چڪو آهي پر جڏهن کان سياري جي موسم آئي آهي، ان ڏينهن کان گيس جوبحران پيدا ٿي ويو آهي، سي اين جي اسٽيشنز تہ بند آهن پر ان سان گڏ گهريلو صارفين کي گيس پريشر گهٽ هئڻ واري مسئلي کي منهن ڏيڻ پئجي يو آهي. پنجاب کان شروع تيل بحران اسلام آباد ۽ پشاور ڪانپوءِ سنڌ پهچي ويو. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بہ گئس ۽ تيل جو اسٽاڪ ختم ٿيڻ لڳو. سنڌ ۾ بحران جو سبب وفاقي حڪومت جي غلط پاليسين کي ڄاڻايو پيو وڃي. سنڌ جي ڊيلرز ايسوسيئشن جو چوڻ آهي تہ وفاقي حڪومت هٿ سان سنڌ ۾ بحران پيدا ڪري رهي آهي. ان جو چوڻ آهي تہ وفاقي حڪومت پاران سنڌ جو پيٽرول پنجاب موڪليو پيو وڃي، جيڪا سنڌ واسين سان زيادتي آهي. هنن چيو تہ جيڪڏهن فوري طور فراهمي شروع نہ ڪئي وئي تہ سنڌ ۾ بحران سنگين ٿي ويندو. حڪومت سنڌ کي پنجاب جهڙين حالتن ۾ نہ وجهي نہ تہ سڄي ملڪ کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو. هنن مطالبو ڪيو آهي تہ وفاقي سرڪار سنڌ جو تيل پنجاب موڪلڻ بند ڪري ٻئي طرف پيٽروليم ڊيلز ايسو سيئيشن جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ ڊيلرن ۽ پيٽرول پمپ مالڪن پنهنجا پمپ تيل کڻڻ جي ڪري نہ پر هٿرادو بحران پيدا ڪري پوءِ مهانگي اگهہ تي پيٽرول کپائڻ جي ڪري بند ڪيا آهن.

اصل ۾ جيڪا بہ پارٽي اقتدار ۾ تہ اها صرف اها دعويٰ ڪندي آهي تہ هنن بحران تي ضابطو آڻي ڇڏيو آهي، پر ملڪ جي ڪنهن بہ شهر ۽ ڳوٺ ۾ بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ جي وقت م گهٽتائي نہ اچي سگهي آهي.



# تلور پکيءَ جو شڪار - اصل حقيقت


ليکڪ:
خدا بخش لاشاري


عرب شهزادا جڏهن به شڪار تي ايندا آهن ته اڪيلا ڇو ايندا آهن، انهن سان گڏ سندن خاندان وارا يا گهرواريون گڏ ڇو ناهن هونديون؟ انهن کي تلور پکي يا هرڻ جو گوشت پسند ناهي پر اصل

کهاڻي ڪجھ ايئن آهي ته عرب شهزادا جڏهن شڪار گاھ ۾ ايندا آهن ته محل کان



پري خيم بستي قائم ڪئي ويندي آهي، جتي ٻنپهرن کان پوءِ شڪار شروع ڪيو ويندو آهي، شڪار ۾ شڪرا گهوڙا، ڪتا ۽ باز استعمال ٿيندا آهن، مغرب کان پهرين شڪار ختم ڪري مغرب جي نماز باجماعت ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن کان پوءِ شڪار پچايو ويندو آهي، باربي ڪيو، ڪڙهائي، اسٽيم روسٽ سميت ڪيترن ئي قسمن جا طعام تيار ڪري عشاءَ کان پهرين کاڌا ويندا آهن، عشاءَ جي نماز باجماعت ادا ڪري شهزادا

پنهنجن خيمن جو رخ ڪندا آهن، جتي حڪومت پاڪستان، مقامي انتظاميه ۽ ماڻهن جي تعاون سان انهن شهزادن جي نفساني هوس پوري ڪرڻ لاءِ ننڍي عمر جون مقامي ڇوڪرين کي پيش ڪيو ويندو آهي، انهيءَ ڳالھ جو خاص خيال رکيو ويندو آهي ته ڇوڪريون مقامي مطلب پاڪستاني هجن جن جي عمر ٻارنهن يا چوڏنهن

سالن کان مٿي نه هجي، شهزادن کي پيش ڪرڻ کان پهرين انهن ڇوڪرين کي خاص تربيت ڏني ويندي آهي ته شهزادن کي ڪنهن قسم جي



مزاحمت يا پريشانيءَ کي منهن نه ڏيڻو پوي، اندر جو ڳجھ ته ڪير نٿو ڄاڻي ته انهن ڇوڪرين سان ڇا ٿيندو هوندو پر اهو ئي ٿيندو هوندو جيڪو هڪ باز ڪنهن معصوم پکيءَ سان ڪندو آهي. ميجر صاحب ٻڌايو ته مون خيمن کان ٻاهر اهي آواز ٻڌا جيڪي ڪنهن عقوبت خاني مان ايندا آهن. ان

تجربي کي ٻڌائيندي هڪ فوجي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، پاڻ سوچيو جتي هڪ فوجيءَ جي همت جواب ڏيئي وڃي اُتي ظلم ڪيڏي انتها تي هوندو، بربريت ڪيئن رقص ڪندي هوندي. شيخ زيد اسپتال جا ڊاڪٽر به ان ڳالھ جا شاهد آهن ته ايمرجنسي ۾ اهي ننڍي عمر جون ڇوڪريون گهري اندروني زخمن جي وجھ سان

ڪيترا ڏينهن اسپتالن ۾ گذاريندي آهن ۽ ڪي ته پنهنجيون



حياتيون وڃائي ويهنديون آهن.

منهنجو پوري قوم کان سوال آهي ته ڇا اسان دلال آهيون يا هي ملڪ ڪا هيرامنڊي آهي، چند پئسن ۽ ويزائن جي انعامات جي عيوض اسين پنهنجيون نياڻيون وڪڻي ٿا ڇڏيون، ڪهڙي ڪم جو اسان جو ايٽم بم، ڪهڙي ڪم جي اسان جي آزادي جيڪا هزارين جانيون ڏيئي حاصل ڪئي هئي، ڪيڏانهن

هلي وڃي ٿي اسان جي قومي غيرت جڏهن اهي شهزادا پاڻ ۾ ويهي پاڪستاني قوم جي عزت ۽ غيرت کي تار تار ڪن ٿا، اسين جن شهزادن جي جهڪي سلامي ڀريندا آهيون، انهن جو پورو ملڪ پاڪستان جي ڪنهن هڪ شهر کان به ننڍو هوندو ۽ ڪمزور ايترو جيڪڏهن رڳو هڪ برگيڊ فوج

موڪلي وڃي ته جنگ وڙهڻ کان سواءِ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين پر منهنجي خيال ۾ ڏوھ انهن شهزادن جو ناهي ڏوھ اسان جو آهي ڇو ته جڏهن اسان قومي عزت ۽ غيرت کي ٽالھ ۾ رکي بازار ۾



بيهنداسين ته خريدار ته ڪوئي به ٿي سگهي ٿو، ايتري بي عزتي ۽ خواريءَ کان پوءِ اسان کي اهو ايٽم بم پنهنجي دارالحڪومت ۾ رکي هلائي ڇڏڻ گهرجي شايد هتي ٻيهر جيڪا قوم آباد ٿئي ته اها اسان وانگر هن ڌرتيءَ تي بوجھ نه هجي...







# عطائين مان جند ڪئين ڇڏائجي!!!!!

عطائين جي پرمار انساني جانيون خطري ۾ جعلي ميڊيسن عطائي ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون، سيڪڙو دائيون، سيڪڙو نرسن جي وٺ پڪڙ جاري انساني قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ بعد انتظاميه حرڪت ۾ اچي ڪاروائي جي نالي تي فوٽوسيشن ڪري ڪسائي خانو سيل ڪن ٿا وري چند ڏينهن بعد ڪلي ٿو وڃي مطلب عطائين مان چند ڇڏائڻ مشڪل آهي، ڪجه سال پوءِ تي جي انسانن جي زندگي تي روشني وجهو جئين ان محل نه ايڪسرا، نه الٽرا سائونڊ نه ٻيون مختلف ٽيسٽون ٿيندا هئا ان باوجود هڪ تحقيق مطابق سال ۾ 20 سيڪڙو مائرون يا ٻار ڊليوري دوران فوت ٿي ويندا هئا، پر هن جديد سائنس جي ترقيافتي دور ۾ ڊليوري دوران سال ۾ مائرون ۽ ٻارڙا لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو ڪان وڌيڪ فوت ٿين پيا؟؟؟؟ان دور ۾ ڳوٺهاري عورتن جون ڊليوريون گهرن جون وڏڙيون ڪرائيندڙيون هيون پوءِ اگر ڪو اهڙو به سيريس ڪيس ۾ ڪنهن دائي کي ڳولي آندو ويندو هو ان دور جي دائي هن دور جي هڪ وڏي سرجن اسپيشلٽ ڊاڪٽر برابر هوندي هئي، نه آپريشن، نه آڪسيجن، نه ٽيلهي، نه سوئي، نه ٽڪي فوٽو نه ئي ٻيون ڪي دوائون ڊليوري دوران ڏنا ويندا هئا، ڊليوري جي اڳ دائيون عورت کي سچي مکڻ جي ڪٽي جي هڪ (جمن – وٽو )ڪارائيندا هئا، پوءِ ڪجه دير ڪان پوءِ گهر جي آڱر تي گهمڻ لاءِ چوندا هئا، پوءِ به ٻار جي پيدائش ۾ ليٽ ٿيڻ تي ڏاند گاڏي ۾ سمهاري ٿورو چڪر هڻائيندا هئا پوءِ ٻارجي پيدا ٿيڻ جو 90٪ پڪ ٿيندو هو پوءِ به اگر ٿوري ليٽ ٿيڻ تي بندوڪ جو هڪ فائر ڪيو ويندو جنهن جي ڇرڪ جي ڪري ٻار پيدا ٿي ويندو هو ان ڪان پوءِ اگر ٻئي ٻار پيدا ٿيندو هو ته ان کي هڪي جي نڙ زريعي ڦوڪي ڦوڪي آڪسيجن ڏنو ويندو هو، دن وڏڻ محل به نئو بليٽ نه ملڻ تي پراڻو ڪو بليٽ ڳولي دن ڪٽيو ويندو هو، ماشاءالله اهي اسان سيني جا ابا ڏاڏا زندگيون گزاري هليا ويا، پر هاڻي هلندڙ سائنس جي ترقياتي دور تي ٿورو روشني وجهو ته عورت کي سنگها ٿيڻ جي پهرين مهيني ڪان اسپيشلٽ ڊاڪٽر، نرسن، دائين وٽ ڊرپ ٽيلهي، مختلف دوائن جو ڪورسون، مختلف ٽيسٽون، الٽراسائونڊ تي وي فوٽو ايڪسرا 10 مهينن تائين ٻنهي هٿن سان لٽي ڦري پوءِ به آخر ۾ آخري چانس آپريشن چوندا آهن، جنهن ۾ به اهي چوندا ته وارث فارم ڀرن ته اسان جو پوءِ لاءِ ڪو به ذميواري نه هوندو، سموري سسٽم ٽيسٽن دوائن زريعي هلائڻ باوجود به اڄڪله جي ڊاڪٽرن وٽ توڙ آپريش پوءِ ڪهڙو دور سٺو بس جئين اسان جي ملڪ ۾ پرائمري 5 درجي ڪان وٺي پڙهائي ۽ دوران امتحانن ۾ ڪاپي ڪلچر عام آهي ۽ ڪڪڙ ڏئي پاس ٿيڻ وارو رواج قائم آهي ته انهي جو اثر ظاهر آهي ڊاڪٽري جي پڙهائي ۾ به زرور پوندو هوندو پوءِ ڪاپي ڪري پاس ٿيدا هوندا يا ڪڪڙ ڏئي، پوءِ انهن کي ڪهڙو خبر، اڄڪله ته سياسي پوسٽ تمام گهڻا ملي رهيا آهن جن وٽ نرسنگ جو مڪمل ڪورس نه آهي ته اهي ڊاريڪٽ ڊاڪٽر ٿي وڃن ٿا، دائيون، نرس ظلم آهي ته جن وٽ ٽڪي جي ڄاڻ نه هئڻ ورايون به انساني قيمتي جانين سان کيڏي رهيا آهن، خير توهان کي پنهنجي علائقي جي عطائي ڊاڪٽرن نرسن ۽ دائين بابت ٻڌائيندو







# شہید
# حکیم محمد سعید
## ایک عہد ساز شخصیت





محب وطن انسان شہید پاکستان حکیم محمد سعید سے میری واقفیت نہیں تھی، البتہ میں اُنہیں بہ طور معالج اور سماجی کارکن جانتا تھا۔ پھر جب میں نیوی کا چیف بنا تو ایک دن ایک نجی پروگرام میں میری حکیم محمد سعید سے ملاقات ہوگئی۔ میری صحت تھوڑی خراب تھی، میں نے حکیم محمد سعید سے درخواست کی مجھے طبی معائنہ کے لیے وقت دیں۔ اُنہوں نے مجھے صبح چھ بجے کا وقت دیا۔ خیر میں پہنچ گیا، حکیم محمد سعید اپنے مطب میں تشریف فرما تھے۔ میں بڑا حیران ہوا، پھر لوگوں سے سُنا کہ حکیم محمد سعید تو گزشتہ کئی دہائیوں سے باقاعدگی سے صبح سویرے روزانہ اپنے مطب تشریف لاتے ہیں اور مرضا کا مفت طبی معائنہ کرتے ہیں۔ پھر میری ان سے کافی بات چیت شروع ہوئی۔ حکیم محمد سعید نے میری نبض پہ ہاتھ رکھا اور پوری زندگی بیان کر دی۔ مجھے تو یقین ہی نہیں آیا کہ کوئی مجھے اس طرح بھی بیان کر سکتا ہے، جیسے مجھے بچپن سے جانتا ہوں حالانکہ میری ان سے پہلی ملاقات تھی۔ میں پہلے ہی دن ان کی حکمت اور بطور طبیب حیثیت کو مان گیا۔ دوران معائنہ اُنہوں نے مجھ سے پوچھا کہ آپ کی نظر میں پاکستان کے لیے کیا بہتر کیا جاسکتا ہے۔ میں نے اپنے خیالات سے آگاہ کیا تو بہت خوش ہوئے۔ انہوں نے مجھے اپنے خیالات بتائے تو مجھے ان کے اور اپنے خیالات میں بہت مماثلت محسوس ہوئی۔ مجھے اندازہ ہوا






کہ یہ بہت ثابت قدم انسان ہیں۔ پھر انہوں نے مجھے کہا کہ آپ ایک بار ہمدرد یونیورسٹی ضرور تشریف لائیں، میں نے ان کی دعوت قبول کی اور مدینۃ الحکمہ کے دورے پر گیا۔ اُنہوں نے میری عزت افزائی کی اور پورا دن میرے ساتھ رہے اور پوری یونی ورسٹی کا دورہ کروایا۔ مجھے اتنی حیرت ہو رہی تھی کہ حکیم محمد سعید نے اپنے خواب کو بغیر کسی کی مدد سے اپنی جیب خاص سے مکمل کیا ہے۔ بیت الحکمہ میں انہوں نے مجھے ایسی ایسی نادر کتابیں دکھائیں قرآن کے مسودے دکھائے، بے شمار دستاویز دیکھائیں، مجھے بیت الحکمہ میں سب سے زیادہ مزا آیا۔ کتابوں کا مجھے بھی شوق ہے، اُس ملاقات کے بعد میرا حکیم محمد سعید سے ہمیشہ کا تعلق جڑ گیا۔ میں اُن سے دل سے متاثر ہو گیا۔ وہ بہت سی خداداد خوبیوں کے حامل تھے۔ پھر وہ گورنر بن گئے، میری ان سے آئے دن ملاقات ہوتی رہتی تھی۔ مختلف سیکورٹی معاملات میں مجھ سے بھی رائے لیتے تھے۔ بہت سے لوگوں کو شاید معلوم ہو، لیکن جن کو نہیں پتا اُن کے لیے بتادوں کہ حکیم محمد سعید پاکستان کی بہتری کا درست فارمولا رکھتے تھے۔ اُنہیں معلوم تھا کہ پاکستان کو اچھا کرنے کے لیے کونسے اقدامات کی ضرورت ہے اور کس وقت میں کیا کرنا ہو گا۔ مجھے ان کی حب الوطنی زیادہ اچھی لگی۔ سرزمین سے اُن کی محبت ہی تھی جو اُنہوں نے شام ہمدرد کے نام سے ایک منفرد پلیٹ فارم بلکہ تھنک ٹینک بنایا۔ اس فورم پر مختلف شعبہ جات کے ماہرین اپنی قیمتی رائے دیتے ہیں اور ملک کو درپیش مسائل سے نمٹنے کے حل تجویز کرتے ہیں۔ حکیم محمد سعید نے مجھے بھی



دعوت دی تھی، لیکن میں تو چونکہ حاضر سروس تھا، اس لیے میں تو نہیں جاسکتا تھا البتہ ریٹائرمنٹ کے بعد میں خوب شرکت کرتا رہا۔ حکیم محمد سعید میں سب سے بڑی خوبی آدم شناسی تھی۔ ایک دن خود سے مجھے کہنے لگے کہ آپ ریٹائرمنٹ کے بعد کیا کریں گے میں نے بتایا کہ میں تعلیم کی ترویج پر کام کرنا چاہتا ہوں۔ وہ تو جیسے کھل گئے کہنے لگے، بے شک اس سے زیادہ ملک کی خدمت کوئی اور ہو ہی نہیں سکتی۔ انہوں نے فوراً مجھے بچوں کی نونہال اسمبلی کے لیے دعوت دے دی اور مجھے کہا کہ ٹھیک ہے آپ آئیں اور دیکھیں۔ میں گیا وہ پروگرام مجھے بہت پسند آیا، بچوں کا اعتماد مجھے بہت اچھا لگا اور مجھے اتنا اچھا لگ رہا تھا کہ بچے مختلف موضوعات پر اپنی رائے دے رہے ہیں اور بہت ہی اعتماد سے دے رہے ہیں، ان میں ذرا بھی جھوٹ نہیں ہے اور باقاعدہ اختلاف بھی کر رہے تھے اور حمایت بھی کر رہے تھے۔ ریٹائر ہوتے ہی میں نے ایک فاؤنڈیشن قائم کی اور فاؤنڈیشن میں حکیم صاحب کو ڈائریکٹر بنالیا، وہ بھی فوراً خوشی خوشی بن گئے۔ ان کو تو پسند تھا کہ ملک میں تعلیم پر کام ہو، وہ تو سمجھتے تھے کہ ہر دوسرے پاکستانی کو اس کار خیر کا حصہ بننا چاہیے۔ پھر اُنہوں نے مجھے باقاعدہ سے شام ہمدرد کا ممبر بنانے کی بات کہی۔ میری تو جیسے دل کی بات کردی تھی، میں نے فوراً ہاں کردی۔ اس کے بعد سے پھر باقاعدہ رکن بن گیا، ہر موضوع پر وہاں پر بات ہوتی ہے اور بہت کچھ سیکھنے کو ملتا ہے ویسے بھی سیکھنے کی کوئی عمر تو ہوتی نہیں یہ تو مسلسل جاری عمل ہے۔ حکیم محمد سعید بہت سادہ طبیعت انسان تھے۔ اپنی ذات کے لیے اُنہوں



نے کبھی کچھ نہیں کیا۔ وہ گورنر بن گئے تو رہن سہن میں معمولی سی بھی تبدیلی نہیں آئی۔ کوئی پروٹوکول نہیں لیا، اپنی نجی گاڑی استعمال کرتے تھے۔ صوبہ سندھ کے مسائل کو حل کرنے کی کوشش کرتے تھے اور چاہتے تھے کہ غریبوں کو ریلیف فراہم کریں۔ دوست احباب سے ویسے ہی بات کرتے تھے۔ ایک بات اور نوٹ کی تھی کہ اُن کا سوچنے کا انداز بہت مختلف تھا۔ وہ مسئلہ پر سوچنے سے زیادہ اُس کے حل پر سوچتے تھے۔ یہ ہم نہیں کرسکتے۔ ہم تو محض مسئلہ بیان کرسکتے ہیں، خواہ چھوٹا مسئلہ ہو یا بڑا وہ صرف حل ہی سوچتے تھے۔ ان کے مشورے بہت ہی اعلیٰ ہوتے ہیں۔ حکیم صاحب اہل علم و دانش کو اقتدار اور ملکی باگ ڈور کا اصل حقدار سمجھتے تھے۔ وہ کہتے تھے کہ جو اعلی کردار کا ہوگا دانشور ہوگا، اپنے شعبے کا ماہر ہوگا، وہی حکومت میں ہونا چاہیے کیونکہ سیاست ایک ذمہ داری ہے۔ اعلیٰ منصب پر اُسے ہی بیٹھنے کا حق ہے جو دانشور، صاحب فراست، عزت اور عقل سلیم کا ماہر ہو ذہین انسان ہو۔ وہ کہتے تھے کہ اسلام نے ہمیں بتادیا ہے کہ حکمران ایسا ہو جو بالکل پاک صاف پاک دامن ہو۔ اس کے کردار کے اندر کوئی کمزوری نہ ہو، کوئی خامی نہ ہو اور سب سے اہم اپنے شعبے کا ماہر ہو۔ وہ اس طرح کا ایک ایسا نظام ملک میں رائج دیکھنا چاہتے تھے جس میں پاکستان کے بہترین لوگ نظام کی بدولت ترقی کرتے ہوئے اعلی ترین عہدوں تک پہنچ جائیں۔ حکیم محمد سعید پاکستان کے دانشور طبقے کی حق تلفی سے بڑے مایوس رہتے تھے اور ناقدری سمجھتے تھے۔ وہ کہتے تھے کہ میرٹ ملک کے بقا کے لیے بہت ضروری ہے۔ وہ کہتے تھے کہ وہ ملک ترقی ہی نہیں کرسکتا جہاں میرٹ کا قتل عام ہوتا ہو۔ وہ چاہتے تھے کہ پاکستان میں میرٹ کی بنیاد پر ہر عہدے پر تقرری ہو۔ حکیم محمد سعید سیاسی نظام کو بھی الگ اور منفرد انداز میں دیکھتے تھے۔ وہ چاہتے تھے کہ انتخابات کا جو نظام ہے، جس کے ذریعے لوگ منتخب ہوتے ہیں اس کو بھی بہتر بنایا جائے، کیونکہ جب چننے والے کا ہی کوئی میرٹ نہیں ہوگا تو یہ کیسے ممکن ہے کہ وہ آگے کسی کو میرٹ پر منتخب کرے گا۔ اس لیے ایسا نظام چاہیے ملک میں ترقی کے لیے جس میں لوگوں کے چناؤ کا طریقہ یا ان کے کسی منصب پر تقرری کا طریقہ کار خالصتاً اُن کی اپنی کارکردگی پر ہو یعنی خودکار نظام ہو۔ حکیم محمد سعید دولت کی منصفانہ تقسیم کے بھی حق میں تھے۔ وہ کہتے تھے کہ مہنگائی غیر اسلامی اور غیر فطری ہے۔ آمدنی اور اخراجات میں توازن پیدا کرنا ریاست کی ذمہ داری ہوتی ہے۔ دولت کی تقسیم اسلامی نظام کے مطابق ہونی چاہیے، پاکستان میں دولت کی تقسیم کا نظام جو ہے یہی خرابی کی ایک بڑی وجہ ہے، کیونکہ لوگوں کی جتنی تنخواہیں ہیں اُس سے زیادہ تو مہنگائی ہے۔ دوسرا وہ حکومتی سطح پر لوگوں میں سادگی کو اختیار کرتے دیکھنا چاہتے تھے۔ نہ صرف لوگ بلکہ حکومتی اہلکاروں کو بھی وہ سادگی کی تعلیم دیتے تھے۔ حکیم محمد سعید ملک میں ایسا معیار تعلیم چاہتے تھے کہ جس کے ذریعے بچوں کو بہترین جدید ترین تعلیم دی جائے اور ان کی مشرقی روایات کے تناظر میں کردار سازی بھی کی جائے۔ نوجوان نسل خصوصاً نونہالوں میں تعلیم اور مشرقی تہذیب کا حسین امتزاج پیدا ہو، تاکہ جو نئی نسل نکلے وہ بیک وقت اعلیٰ مشرقی اقدار و روایات کی حامل بھی ہو اور جدید دنیا میں اپنا کردار بھی ادا کرے۔ حکیم محمد سعید تعلیم کے لیے خودی اور خودداری کے فلسفے کو اہم ترین سمجھتے تھے۔ اپنے اوپر انہوں نے ان دونوں چیزوں کو لاگو کرکے ثابت کیا کہ یہ مسلمان کے لیے کرنا کوئی مشکل نہیں ہے۔



# آج پانی کے تحفظ کو مضبوط
# کل کے لیے مضبوط مستقبل

**یونی لیور پاکستان کا واٹر اسٹیورڈشپ پروگرام**
**لیٹر پانی دوبارہ قدرتی نظام میں شامل کرے گ**

ڈبلیو ڈبلیو ایف کے اشتراک سے، ہم لاہور اور رح
رہے ہیں — زیرِ زمین پانی کی دستیابی کو بہتر بنا رہے
اور مقامی کمیونٹیز کی معاونت کر رہے ہیں۔



Unilever

# ط بنانا،
# مل کی بنیاد۔

**رام ہر سال 19 کروڑ 25 لاکھ**
**ے گا۔**

رحیم یار خان میں پانی کی بحالی کے اقدامات کر
رہے ہیں، پانی کے تحفظ کو مضبوط کر رہے ہیں،







DESIGNED BY LUMINOUS FORMATION

ACADEMY OF AESTHETICS

943/2, Allama Iqbal Road, Block-2
Back Side of Zaidi's Studio, P.E.C.H.S., Karachi.
call 021-34310754-5.
www.academyofaesthetics.co

aestheticLIFE

Call us at: **(+92 21 35250262/3)** or vistit us at: **www.aestheticlife.com**
**Lahore: 042 - 36371660 | Islamabad: 051-2616621**




# ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ جا فائدا ڇا آهن!!

ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ هڪ ڪاروبار ۾ معلومات ۽ وسيلن جي حصيداري جو هڪ تيز ۽ قابل اعتماد طريقو آهي. اهو توهان جي مدد ڪري سگهي ٿو توهان جي آئي ٽي سسٽم ۽ سامان جو تمام گهڻو ڻاهيو. مپيوٽر نيٽ ورڪنگ جا فائدا نيٽ ورڪ جا بنيادي فائدا شامل آهن: فائل شيئرنگ _ توهان آساني سان ڊيٽا کي مختلف استعمال ڪندڙن جي وچ ۾ حصيداري ڪري سگهو ٿا، يا ان کي ريموٽ تائين پهچائي سگهو ٿا جيڪڏهن توهان ان کي ٻين ڳنڍيل ڊوائيسز تي رکو. وسيلن جي حصيداري _ نيٽ ورڪ سان ڳنڍيل پردي ڊوائيسز استعمال ڪندي جهڙوڪ پرنٽر، اسڪينر ۽ ڪاپيئر، يا ڪيترن ئي استعمال ڪندڙن جي وچ ۾ سافٽ ويئر شيئر ڪرڻ، پئسا بچائيندو آهي. هڪڙي انٽرنيٽ ڪنيڪشن کي حصيداري ڪرڻ _ اهو قيمتي آهي ۽ توهان جي سسٽم کي بچائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن توهان نيٽ ورڪ کي صحيح طرح سان محفوظ ڪريو. اسٽوريج جي گنجائش وڌائڻ _ توهان فائلن ۽ ملٽي ميڊيا تائين رسائي ڪري سگهو ٿا، جهڙوڪ تصويرون ۽ ميوزڪ، جيڪي توهان ٻين مشينن يا نيٽ ورڪ سان ڳنڍيل اسٽوريج ڊوائيسز تي ريموٽ سان ذخيرو ڪندا آهيو. نيٽ ورڪنگ ڪمپيوٽر پڻ توهان جي رابطي کي بهتر ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا، انهي ڪري ته: اسٽاف، سپلائرز ۽ گراهڪ معلومات شيئر ڪري سگهن ٿا ۽ رابطي ۾ وڌيڪ آساني سان حاصل ڪري سگهن ٿا توهان جو ڪاروبار وڌيڪ ڪارائتو ٿي سگهي ٿو _ مثال طور هڪڙي عام ڊيٽابيس تائين نيٽ ورڪ رسائي ساڳي ڊيٽا کي گهڻن پيرا بند ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿو، وقت بچائڻ ۽ غلطين کي روڪڻ اسٽاف سوالن سان ڊيل ڪري سگهي ٿو ۽ ڪسٽمر ڊيٽا شيئر ڪرڻ جي نتيجي ۾ خدمت جو هڪ بهتر معيار فراهم ڪري سگهي ٿو

ڪمپيوٽر نيٽ ورڪنگ جا فائدا

هڪ مرڪزي ڊيٽابيس ۾ معلومات کي محفوظ ڪرڻ پڻ توهان جي خرچن کي گهٽائڻ ۽ ڪارڪردگي کي وڌائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. مثال طور:



اسٽاف گهٽ وقت ۾ وڌيڪ گراهڪن سان ڊيل ڪري سگهن ٿا ڇو ته انهن ڪسٽمر ۽ پراڊڪٽ ڊيٽابيس تائين رسائي حاصل ڪئي آهي توهان نيٽ ورڪ انتظاميه کي مرڪزي ڪري سگهو ٿا، مطلب ته گهٽ آئي ٽي سپورٽ گهربل آهي توهان پردي جي حصيداري ۽ انٽرنيٽ جي رسائي ذريعي خرچ گهٽائي سگهو ٿا توهان غلطين کي گهٽائي سگهو ٿا ۽ هڪجهڙائي کي بهتر بڻائي سگهو ٿا سڀني اسٽاف کي معلومات جي هڪ واحد ذريعن کان ڪم ڪرڻ سان. ان طريقي سان، توهان انهن لاءِ دستياب دستي ۽ ڊائريڪٽري جا معياري ورزن ڪري سگهو ٿا، ۽ هڪڙي پوائنٽ کان ڊيٽا کي هڪ مقرر ڪيل بنياد تي بيڪ اپ ڪري سگهو ٿا، استحڪام کي يقيني بڻائي. انٽرنيٽ جي استعمال ڪم جي جڳهه تي ڪم ڪندڙ انداز جي نموني ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي.

اهو ڪم جي جڳهه تي غير مسلڪي سرگرمين لاءِ وڏندڙ استعمال جو سبب بڻيو. اهو ڪم جي جڳهه تي پيداوار کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڏيکاريو ويو آهي. هن علائقي ۾ هندستاني حوالي سان ادب جي کوٽ آهي.

مقصد:

اهو مطالعو ڪم جي جڳهه تي انٽرنيٽ جي استعمال جي نموني ۽ ان جي خرابين کي ڳولڻ لاءِ ڪيو ويو. سيٽنگ ۽ ڊيزائن: موجوده مطالعو هڪ پار_سيڪشنل امڪاني مطالعو هو. مواد ۽ طريقا: مطالعي جو مقصد ڪم جي جڳهه تي ٽيڪنالاجي استعمال جي نموني جو جائزو وٺڻ هو. بينگلور ۾ مختلف سرڪاري/ پرائيويٽ شعبي جي تنظيمن جي هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين انٽرنيٽ استعمال جو تجربو رکندڙ ٻه سو پنجاهه ملازمن جو جائزو ورتو ويو پس منظر ڊيٽا شيٽ استعمال ڪندي. استعمال ڪندڙ جيڪي حصو وٺڻ لاءِ تيار نه هئا مطالعي مان خارج ڪيا ويا. نتيجا: 29.6٪ شرڪت ڪندڙن خاص طور تي موبائل فون استعمال ڪيو. 58.8 سيڪڙو شرڪت ڪندڙن موبائل سان گڏ ٻين ڊوائيسز جهڙوڪ ڊيسڪ ٽاپ، ليپ ٽاپ، ۽ ٽيبليٽ گهر ۽ ڪم تي استعمال ڪيو. 64 سيڪڙو شرڪت ڪندڙن ٻڌايو ته ڪم ڪار جي جڳهه تي غير ڪم سان لاڳاپيل انٽرنيٽ استعمال


ماهوار ويج ڪراچي

ٽيڪنالاجي ڪارڪنن ۽ 769 ٻين ڪارڪنن جي مطالعي ۾، جڏهن ته، ٻئي تمام گهٽ هئا. ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾. ٻنهي گروهن ۾، نوجوان ۽ مرد جواب ڏيڻ وارا وڌيڪ PIU سڪور حاصل ڪرڻ جا امڪان هئا. ٻنهي گروهن ۾ PIU جا بهترين اڳڪٿي ڪندڙ آن لائن دير، آن لائن وهڪري جا تجربا، هڪ ئي سيشن ۾ آن لائن گهڻو وقت گذارڻ، ۽ آن لائن چيٽنگ ڪرڻ هئا.[31]

شرڪت ڪندڙن جي سراسري عمر 30.4 سال هئي (SD = 8.78)، ۽ 21 کان 64 سالن تائين. شرڪت ڪندڙن مان 69.2٪ مرد ۽ 29.2٪ عورتون هيون. تقريبن 50.8٪ شرڪت ڪندڙ شادي شده هئا، 43.6٪ في الحال يا اڳ ۾ شادي ڪئي وئي هئي، ۽ 2.4٪ هن وقت هڪ تعلق ۾ ٻڌايو ويو آهي. اڪثر شرڪت ڪندڙ ايٽمي خاندانن ۾ رهندڙ هئا (39.2٪)، بعد ۾ گڏيل خاندانن (33.6٪)، ڪجهه ماڻهو اڪيلو (18.4٪) جي حيثيت ۾ رهندا هئا، ۽ 2٪ اڪيلو والدين خاندانن مان هئا. شرڪت ڪندڙ گهڻو ڪري آئي ٽي انڊسٽري مان هئا (44٪)، ڪجهه سرڪاري تنظيمن مان هئا (32.8٪)، ۽ ڪجهه ٻين مختلف تنظيمن مان هئا (23.2٪) مثال طور پنهنجو ڪاروبار، خانگي آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ وغيره. 38. شرڪت ڪندڙن جو ٪ جاڳڻ کان پوءِ فوري طور تي انٽرنيٽ تائين رسائي حاصل ڪئي. ڪم جي ڪلاڪن دوران، انٽرنيٽ تي گهڻو وقت گذاريو ويو پروفيشنل مقصدن لاءِ 4.09 ڪلاڪ ( SD = 2.85). سماجي نيٽ ورڪنگ سائيٽن، تفريحي مقصدن لاءِ سائيٽون، ۽ علم سان لاڳاپيل سائيٽون هر روز هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ تائين پهچندا هئا. گهٽ ۾ گهٽ وقت بئنڪنگ، بل جي ادائيگي وغيره لاءِ ذاتي استعمال تي خرچ

ڪيو ويو. هر روز ڪم جي جڳهه تي ڪمپيوٽر نيٽ ورڪنگ جا ڪجهه اهم نقصان هيٺ ڏجن ٿا: مهانگو: شروعاتي سيٽ اپ جي صورت ۾ نيٽ ورڪ جو عمل مهانگو ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ ته تار ۽ ڪيبل جي قيمت تمام گهڻي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سامان به مهانگو هوندو آهي. وائرس ۽ مالويئر: ڪمپيوٽر نيٽ ورڪنگ نيٽ ورڪ ذريعي ٻئي ڪمپيوٽر تائين وائرس جي پکيڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. نيٽ ورڪ جو انتظام: نيٽ ورڪ جو انتظام تمام ڏکيو ڪم آهي ڇو ته ان وڏي نيٽ ورڪ کي سنڀالڻ لاءِ ماهر ماڻهن جي ضرورت هوندي آهي. اهو ماڻهن جي تربيت جي ضرورت آهي جيڪي هن ڪم ۾ ملازم آهن. معلومات جو نقصان: ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ جي خراب ٿيڻ جي صورت ۾، اهو معلومات جي نقصان يا ڪجهه وقت تائين معلومات تائين رسائي جي قابل نه ٿي سگهي ٿو. سسٽم کي هيڪ ڪري سگهجي ٿو: وائڊ ايريا نيٽ ورڪ (WAN) جي صورت ۾، سسٽم جي هيڪنگ جو خطرو آهي. اهڙين شين کي روڪڻ لاءِ ڪجهه حفاظتي خاصيتون شامل ڪرڻ گهرجن. ڊيٽا جو مرڪزي ذخيرو: فائلن کي مرڪزي نوڊ (فائل سرور) تي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو جيڪو حصيداري ڪري سگهجي ٿو ۽ هڪڙي تنظيم ۾ هر صارف لاءِ دستياب ٿي سگهي ٿو. ڪنيڪشن: جديد ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ لاءِ گهربل صلاحيتون نه هجڻ جي برابر آهن. شامل ٿيڻ جي ڪوشش ان کي قابل عمل بڻائي ٿي جيتوڻيڪ نوجوان ٻارن لاءِ ڊيٽا کي ڳولڻ شروع ڪرڻ لاءِ. تيزيءَ سان مسئلو حل ڪرڻ: جيئن ته هڪ وسيع طريقيڪار کي ٿورن ننڍڙن طريقن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هر هڪ کي سيني لاڳاپيل گيجٽس جو خيال رکيو ويندو آهي، هڪ واضح مسئلو گهٽ وقت ۾ حل ٿي سگهي ٿو. Reliability: Reliability مطلب معلومات جو بيڪ اپ ڪرڻ. ڪن سببن جي ڪري سامان حادثو ٿئي ٿو. وغيره، معلومات هڪ PC تي خراب ٿي وڃي ٿي يا ناقابل رسائي ٿي وڃي ٿي، ۽ ساڳئي معلومات جي هڪ ٻي نقل مستقبل جي استعمال لاءِ ٻئي ورڪ اسٽيشن تي پهچندي آهي، جيڪا آسان ڪم ڪرڻ ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڏئي ٿي. لچڪدار: هي جدت حقيقت ۾ قابل اطلاق هجڻ جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو گراهڪن کي بنيادي شين جي باري ۾ هر شيءِ جي تحقيق ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. مثال طور، پروگرامنگ انهن جي افاديت کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ. اختيار ذريعي سيڪيورٽي: معلومات جي حفاظت ۽ تحفظ اضافي طور تي سسٽم ذريعي آباد ٿيل آهن. جيئن ته صرف سسٽم ڪلائنٽ کي مخصوص رڪارڊ يا ايپليڪيشنون حاصل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي، ٻيو ڪو به فرد معلومات جي حفاظت يا حفاظت کي ٽوڙي نٿو سگهي. اسٽوريج جي صلاحيت: جيئن ته توهان ٻين ماڻهن سان ڊيٽا، رڪارڊ، ۽ اثاثن کي حصيداري ڪندا، توهان کي سيني معلومات جي ضمانت ڏيڻ جي ضرورت آهي ۽ مواد قانوني طور تي فريم ورڪ ۾ رکيل آهن. هن سسٽم جي انتظامي جدت سان، توهان تمام گهڻو ڪري سگهو ٿا بغير ڪنهن مسئلي جي، جڏهن ته توهان کي گنجائش جي ضرورت هوندي آهي.

****



# Gemini

# برج جوزا

22 July to 21 August




## برج جوزا جو تعارف:

برج جوزا علم نجوم جي ترتيب ۾ ٽئين نمبر تي آهي، 22 مئي کان 21 جون دوران جنم وٺندڙ ماڻهن جو اهو ستارو آهي، انهن ڏينهن ۾ پيدا ٿيندڙ ماڻهن جي زندگيءَ تي اهو برج مختلف طريقن سان اثر انداز ٿي سگهي ٿو. هن برج جي علامت بہ جاڙيون ڀينرون آهن. هن برج وارا ماڻهو تمام ذهين، تخليقي قوتون رکندڙ، حساس، اڪيلائي پسند، بيحد مصروف رهندڙ ۽ وقت ضايع نہ ڪندڙ هوندا آهن.

## شخصيت جا مثبت پهلو:

برج جوزا وارا ماڻهو مڪمل پروسي وارا ۽ ٻين جي مدد ڪري خوشي محسوس ڪندڙ هوندا آهن. گهڻي محنت ۽ جدوجهد ڪندڙ هوندا آهن. ديانتدار ۽ محبت جي معاملن ۾ ايماندارانا جذبا رکندڙ هوندا آهن. خواهشن جي تڪميل لاءِ سيئي حدون اورانگهي ويندا آهن. بهترين صلاحيتن جا مالڪ هوندا آهن. هر ڪم کي بهتر طريقي سان انجام ڏيندا آهن. بهترين حاڪم يا سربراهہ بڻجڻ جي صلاحيت سان مالا مال هوندا آهن. ڪنهن بہ پابندي کي قبول نہ ڪندا آهن. آزاداڻي ماحول ۾ ڪم ڪرڻ وارا، خوش مزاج، ملنسار ۽ پراسرار ڪشش واري شخصيت جا مالڪ هوندا آهن. حسين مزاج رکندڙ ۽ پسند ڪندڙ، ساٿي جي خواهشن جو دل سان احترام ڪندڙ ۽ دل لڳائيندڙ هوندا آهن.

## سير ۽ تفريح:

جوزا شخصيت وارا ماڻهو حسين ۽ بهترين مزاج سبب پاڻ جهڙو ساٿي تلاش ڪندڙ، هوٽلن، پارڪن ۽ ٻين شهرن جي سفر کي پسند ڪندڙ هجن ٿا. ڪين برسات جي موسم گهڻي وڻي ٿي، پنهنجي پسنديده شين جا متلاشي، ڪنهن جي اجاره داري قبول نہ ڪرڻ وارا، مختلف ڪمن ۾ حصو وٺندڙ ۽ ترقي ڪندڙ ۽ جبر کي ناپسند ڪندڙ هوندا آهن.

## موافق پٿر:

زمرد قديم دور کان زير استعمال پٿر، پنهنجي آب و تاب ۽ چمڪ دمڪ ۾ پنهنجو ثاني نٿو رکي، وزن ۾ هلڪو ۽ تيزاب جي اثر کان پاڪ، مزاج سرد ۽ خشڪ. ڊيڄاريندڙ خوابن کان نجات ڏياريندو آهي، اطمينان ۽ سڪون جو سبب. زهر واري شيءِ ڪاڻڻ سان ڇهري تي هڪدم پاڻي جا قطرا ظاهر ٿيندا آهن. قديم زماني کان عهد شڪني (واعدو نہ پاڙيندڙ) کي پنهنجي رنگت جي تبديلي سبب سڃاڻپ ڏيڻ وارو. عورت ۽ مرد جيڪڏهن هن پٿر هڪٻئي سان تبديل ڪن تہ انهن جي محبت ۽ پيار ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو.

## ٻٽي شخصيت:

برج جوزا وارا ٻٽي شخصيت جا مالڪ هوندا آهن. هڪ وقت ۾ ٻہ ڪم ڪندڙ. سٺا اداڪار، سٺا ڊراما نگار، بهترين سفرناما لکندڙ ۽ نون موضوعن تي وڌيڪ بهتر لکندا آهن. دستڪاري، هوابازي، ايجادات، انجنيئرنگ، صحافت ۽ پبلسٽي جي شعبن جا ماهر هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن منفي سوچ سبب مالي بحران جو شڪار ٿي ويندا آهن. جنهن ڪري انهن کي بعد ۾ ندامت بہ ٿيندي آهي. جلد بازي کان ڪم وٺندا آهن.

## واپاري معاملا:

برج جوزا واپاري معاملن کي هلائڻ جي اعليٰ صلاحيت رکندڙ هوندا آهن. ڪاروباري لهہ چڙهہ کي بهتر طريقي سان جاچڻ وارا ۽ ملازمن سان سختي سان پيش ايندا آهن. فرضن ۾ ذري برابر بہ غفلت برداشت نہ ڪندا آهن. ڪنهن هڪ جاءِ تي ڄمي ڪم نہ ڪندا آهن. مخلص دوست تمام گهٽ رکندڙ، سطحي دوستي جا خواهشمند ۽ حقيقي دوستي کان پري ڀڄندا آهن.

## برج جوزا وارا مرد:

برج جوزا وارا مرد گهڻا ذهين ۽ جلد ترقي ڪندڙ هوندا آهن. انهن جي دماغ ۾ نوان خيال ايندا رهندا آهن. دوستين کي پسند ڪندا آهن. مصيبت ۾ دوستن جي مدد بہ ڪندا آهن. ڪل پوڳ وارا هوندا آهن. هرفن مولا قسم جا مالڪ هوندا آهن. گهريلو زندگي جا خواهشمند. هر ڪم خوش اسلوبي سان انجام ڏيندڙ. هميشہ پرامید رهندا آهن. نوان نوان تجربا ڪندا رهندا آهن. دوستن ۽ مٽن مائٽن سان محبت سان پيش ايندا آهن. هر قدم سوچي سمجهي کڻندا آهن. جڏهن تہ انهن جون خاميون اهي آهن تہ اهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اصولن کان هٽي ويندا آهن. دوستن کان جلد بيزار ٿي ويندا آهن. هڪ منٽ ۾ پنهنجي راءِ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. جلدبازي انهن جي اصل ڪمزوري آهي. ٻاراڻين حرڪتن سبب نقصان ڪائيندا آهن.

## برج جوزا واريون عورتون:

برج جوزا واريون عورتون هر قسم جي چئلينج کي قبول ڪري ڪاميابي حاصل ڪندڙ، مشڪلن کي منهن ڏيندڙ ۽ انهن جو حل سوچي سمجهي ڪيندڙ، پنهنجي ڪم کي پوري انصاف سان ڪندڙ، دماغي ڪم تيزي سان ڪندڙ، هر مسئلي تي غور و فڪر ڪندڙ، وڌ کان وڌ معلومات حاصل ڪندڙ ۽ محنتي هونديون آهن. خوش لباس ۽ فيشن جون تمام گهڻيون شوقين هونديون آهن. زنده دل ۽ خوش مزاج شخصيت جون مالڪ، مختلف تجربن ۽ منصوبن ۾ مصروف رهندڙ ۽ مزاج ۾ پنهنجو مثال پاڻ هونديون آهن. انهن جي خامين ۾ اهي ڳالهيون شامل آهن تہ ٻارن جي تعليم، تربيت ۽ سارسنڀال تي پوري طرح توجهہ نہ ڏئي سگهنديون آهن. هر وقت مختلف ڪمن ۾ مصروف رهنديون آهن. پنهنجي ڪمن ۾ ٻين جي مداخلت پسند ناهن ڪنديون. ڪنهن جي تنقيد کان جلد گهٻرائجي وينديون آهن.

## برج جوزا رکندڙن جو ڪيريئر:

هن برج وارا جيئن تہ گهڻو ذهين هوندا آهن، ان ڪري اهي ڪنهن بہ شعبي ۾ ڪيريئر شروع ڪندا آهن تہ ڪامياب ويندا آهن. اهي گهڻا هنرمند ۽ جديد اسڪل رکندڙ هجن ٿا. هن برج وارا پنهنجو ڪاروبار ڪن تہ ڪامياب وڃن ٿا، يا وري اهي سٺا ليکڪ هجن ٿا. وڪالت جو شعبو بہ اختيار ڪن ٿا. اهي هر وقت ڪيترائي ٽاسڪ کڻن ٿا. هر ڪم کي چئلينج سمجهي پورو ڪن ٿا.

## غذائيت ۽ بيماريون:

جيئن تہ جوزا ماڻهو وڏي وڏي دعوتن جا شوقين هوندا آهن ۽ پاڻ تمام گهٽ غذا استعمال ڪندا آهن. جنهن سبب بيماري کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. انهن کي پروٽين ۽ حياتياتي غذا جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي. اهي بيچيني ۽ ڦڦڙن جي بيماري ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. بيماري سبب تمام گهڻا تنگ ٿيندا آهن. انهن لاءِ ضروري آهي تہ سگريٽ ۽ شراب کان پري رهن. اڪثر جوڙن جي سور ۾ مبتلا رهندا آهن. ان لاءِ بهتر آهي تہ وڌيڪ ٿڌيون شيون استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ معتدل شيون استعمال ڪن. بهتر اهو آهي تہ جسم کي هر وقت متحرڪ رکن ۽ مناسب ورزش ڪن. اهو ئي بهترين علاج آهي. اهڙي طرح انهن کي آڱرين ۾ اڪثر سور جي شڪايت رهندي آهي جنهن سبب روز مره جي ڪمن ۾ مشڪل کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

عبدالخالق بلوچ



## برج جوزا جون اهم شخصيتون

هي برج رکندڙ شخصيتن ۾ دنيا جون بااثر ۽ حڪمران شخصيتون بہ شامل آهن. اڳوڻي وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو، سردار عطاءُ الله مينگل، اڳوڻو آرمي چيف جنرل راحيل شريف، اڳوڻو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني، اداڪار فردوس جمال، آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ، ٽي وي ميزبان جنيد اقبال، ناديہ خان،هالي ووڊ اداڪاره اينجلينا جولي، نڪول ڪڊمين، آنگ سانگ سوچي، اداڪار جوني ڊيپ، ايڊورڊ سنوڊن، چي گويرا، چيني صدر زي جن پنگ، لبيا جو اڳوڻو صدر ڪرنل قذافي، اداڪار مورگن فري مين، آمريڪا جو اڳوڻو صدر جان ايف ڪينيڊي ۽ ٻيون شخصيتون شامل آهن.



# گاجي کهاوڙ جيئن مون ڏٺو



محمد عالم ڪوڪر

منهنجوڳوٺ گاجي کهاوڙ آهي هي ڳوٺ ميان گاجي کهاوڙ ڪلهوڙا دؤر کان اڳ ٻڌرايو هو هنن ۾ ٻيون ٻه گهٽيون ذاتيون رهندڙ آهن پر گهڻائي کهاوڙ قبيلي جي آهي ورهاڱي کان پوءِ ڪافي هندو هتان ٻه لڏي ويا پر منهن جي سانير ۾ هت جيڪي رهي پيا انهن ۾ سرڳواسي عينشي رام ۽ سيٺ ڪلياڻ داس هئا جن هن سموري علائقي جي ماڻهن جي هر ويل ۾ مدد ڪرڻ ٻوڏون هجن يا سوڪون هر وقت ۾ گڏ رهيا وڏي زميندار ي سان گڏ رائيس مل جا مالڪ پڻ هيا

هنن جي اها مدد امير غريب سيني لاءِ هوندي هئي هي ڳوٺ واره تعلقي ۾ آهي هن جي اولهہ ۾ ڪير ٿر جبل تائين

رستو وڃي ٿو هن رستي ۾ ڪڙيو سبزٽ خان ميرپور درمحمد ماڇي حمل ڍنڍ ۽ ڳوٺ آلو پير ڪوٽ گڙتل ۽ شاه گودڙيو اچي وڃن ٿا گاجي کهاوڙ کان ڏکڻ طرف

ميهڙ وري اتر طرف واره ٻ رستاوڃن ٿا هڪ رستو اتر اولهہ جي ڪنڊ جي کان ميان گاجي جي مقام کان جانڊاهي ۽ اوائيلي ۽

تاريخي ڳوٺ جوڻاٽي کان ٿيندو واره وڃي ٿو ٻيو رستو سڌو اتر طرف ڏي آهي هن رستي تي ڳوٺ کان هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ٻ کوه مٺي پاڻي جا رستي تي پنهنجي زمين ۾ کوٽراياٿون ۽ هڪ مسافر خانو ب ٺهرايو انهن کوهن تي لوها نار پاڻي ڪڍڻ لاءِ ۽ مال متاع لاءِ حوض پڻ ٺهراياٿون پوري صدي گذ ري چڪي آهي تڏهن ب عينشيءَ جو کوه سڏبو آهي وري سيٺ ڪلياڻ داس وڏن جي پيروي ڪندي جتي پنهنجون زمينون هيس اتي هارين لاءِ ب کوه کوٽراياٿين ور ي ٻوڏن ۾ بچاءَ بندن تي جيڪي چيڙون يا سرڪار طرفان ڪارندا هئا انهنکي ب هي سخي مرد ديڳيون پٽ جون لاهي ڪارائيندو هو مان ننڍوهوس ت گرمي ۽ جي







منڊ ۾ ڳوٺ جا نوجوان ڏاڍيون رانديون ڪيڏندا هئا جن ۾ ڪوڏي ڪوڏي راند جون باقائدي هر ائين پندرهين ڏينهن

مئچون ٿينديون هيون ان وري سيٺ عينشي رام جو شوق ڏسڻ وٽان هوندوهيو مئچ لاءِ چندو سيني کان گهٽو ڏيندوهو جنهن ڏينهن شام جو مئچ ٿيندي هئي ت گراؤنڊ تي

پهچي وڃي ڪرسيءَ ٽيبل ب ساڻ ٽيبل تي هڪ رپئي واريون دستيون رکي ويهندوهو ۽ پوءِ رانديگرن تي پيو نوٽ گهوريندو هو راند ختم ٿيڻ کانپوءِ ڏٻري رانديگر کي پيسا ڏئي چوندو هو تہ وڃي کاءُ ۽ طاقت ڪر ان وقت سارين جو ملہ اٺ رپيا مڻ هئو سيٺين کي ڳوٺ ۾ هڪ وڏي اوطاق ۽ مال جو واڙو ب هيو غريب غربي کي مفت ۾



کير ۽ لسي پيو ڏيندو هو ائين سيٺ عينشي رام پنهنجون ڪيئي يادون ڇڏي پرلوڪ پڌاري ويو پوءِ سندس پٽ سيٺ ڪلياڻ داس

پنهنجي پيءُ جي ورثي کي سنڀاليو هن صوفي منش انسان ب وسان ڪين گهٽايو هي ب پنهنجي ڳوٺ وارن ۽ جوءِ جي نہ پر تعلقي جي سمورن غريبن ۽ وڏيرن سان ناتا جوڙيا هر ڏکي سکي ويل ۾ سيني جي مدد ڪيائين ايتري تائين جو ڏڪاري حالتن ۾ ب خلق خدا جي مدد

ت ڇڏيو پر پنهنجي رائيس مل ۾ پکين ۽ جانورن لاءِ ب خوراڪ جو بندوبست ڪيائين هر روز ڪتن ۽ ٻلن لاءِ وڏو ديڳڙو ڀت جو ۽ لسي جدا جدا پاٽين ۾ وجهرائي ڇڏيندوهو ڳوٺ جي مڊل اسڪول جي ٻارن لاءِ

پاڻي ۽ بجليءَ جو بندوبست ڪري ڏنائين واره واري رستي تي پنهنجي کوه مان سرڪاري واٽر سپلاءِ لاءِ ڳوٺ کي

پاڻي ڏنائين ڳوٺ جي بجلي لاءِ سرڪار طرفان بجلي منظور ٿيل هئي صرف پول لڳل هئا ڀٽي صاحب جي حڪومت جي

ختم ٿيڻ کان پوءِ رولڙي جو شڪار ٿي وئي پر سيٺ صاحب همت ڪري بجلي ٻارائي ڏني ڳوٺ ۾ سيني اسڪولن لاءِ پڪا وٿي ڏنائين ۽ محمد هاشم ميمڻ لائيبريري گاجي کهاوڙ لاءِ ب پڪا ۽ فرنيچر ب وٿي ڏنائين مون کي نصيرآباد جي هڪ استاد ٻڌايو ت هاءِ اسڪول ۾ ٻارن لاءِ پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو هيو.




# لاوارث بڻجي ويل سنڌ جي زراعت

ستار ملڪ



**ارڙهين** ترميم کان اڳ سنڌ زرعي شعبي ۾ پيڙهئي پر ارڙهين ترميم کانپوءِ جيئن ئي زراعت کي صوبائي اسم قرار ڏئي صوبي حوالي ڪيو ويو ته سنڌ ۾ خاص طور تي زراعت جي ڇڙ ته تباهه حالي جو دورو شروع ٿي ويو. سنڌ حڪومت ڪيترائي سال گذرڻ باوجود زراعت جي شعبي جي بحالي لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن. ان کان اڳ وفاقي سرڪار پنهنجن ادارن ذريعي نه رڳو مکيه فصلن جا امدادي اگهه طئي ڪندي هئي پر انهن جنسن جي خريداري آبادگار ۽ هاري کي نفعو ڏيڻ به وفاقي سرڪار جي ذميوارين ۾ هوندو هو. ڪمند، ڪپهه، سارين ۽ ڪڻڪ جا اگهه وفاقي سرڪار فصل لهڻ کان اڳ ئي طئي ڪري ڇڏيندي هئي، اگهه طئي ڪرڻ سان اهو فائدو هو ته کليل مارڪيٽ ۾ زرعي پيشه ماڻهن کي اجا وڏيڪ رليف ملي ويندو هو. هن وقت صورتحال اها آهي ته زراعت سنڌ جو اسم ته ٿي وئي آهي پر زرعي معيشت سنڌ ۾ اهڙي ته ويهجي وئي آهي جو آبادگارن جي مقدر ۾ بدحالي لکجي وئي آهي. صوبائي حڪومت اگهه طئي نٿي ڪري جنهن سان سنڌ جي آبادگار ۽ هاري کي مُڏي ڪاتي سان ڪٺو وڃي ٿو وڏ ۾ وڏ به سنڌ سرڪار ڪمند جو اگهه طئي ڪيو جنهن تي به جهيڙو هلندڙ آهي، 2016ع ۾ پوڪيل ڪمند 2018ع ۾ به اجا بيٺل آهي، ڇاڪاڻ ته هتي ڪو به نظام ناهي، اهڙو ڪو ميڪنزم ناهي جنهن سان مسئلن جو اڪلاءُ ٿئي، پنهنجي صوبي جي ماڻهن جو ڀلو ٿئي، هاري طبقو ڪجهه ڪمائي سگهي پر هتي الٽي گنگا پئي وهي. ڪمند جو اگهه سنڌ سرڪار گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 10-20 رپيا گهٽ مقرر ڪيو حالانڪ مڃيل اصول آهي ته ان پئسي جي قيمتن ۾ سڄو سال واڌارو رهي ٿو سو اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هڪ فصل تي هزار رپيا خرچ ڪري سڄو سال محنت ڪري ان جا وٺجن صرف 500 رپيا، اهو هميشه رڳو ڪمند جي آبادگارن سان نه پر ڦٽيون هجن، ساريون هجن يا ڪڻڪ هجي، ڪنهن به جنس جو امدادي اگهه ئي نه هوندو. عام مارڪيٽ ۾ هيٺ ان جنس جو ڪهڙو قدر ڪندو. جنهن صوبي جي معيشت جو سڄو دارومدار ئي زراعت سان هجي، ان زرعي معيشت سان اهڙو رويو ته دنيا جي ڪنهن اڻ سڌريل ملڪ ۾ ڪونهي، ڀيو ته ڇڏيو رڳو پنهنجي پاڙيسري ملڪ ڀارت تي ٿا اچون، اتي گهٽ ۾ گهٽ 26 جنسن جا امدادي اگهه سرڪار پاران طئي ڪيا ويندا آهن، زرعي شعبي تي ڪو ٽيڪس ناهي، آبادگارن هارين کي اها گارنٽي ڏني ويندي آهي ته جيڪڏهن اوهان جي فصل جي قيمت هڪ رپيو هجي ته سرڪار اوهان کي ڏيڍ رپيو ڏيڻ جي پابند آهي پر ان جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ ڪنهئي ڪپي ڪونه ڳولي لڀي ڪونه واري ڳالهه آهي.

زراعت کاتي سان واڳيل زرعي انجنيئرنگ شعبو هجي يا زرعي توسيع ۽ زرعي تحقيق هجي، عوام کي لاڀ لاءِ ڪو به شعبو هيل تائين ڪارائتو ثابت ناهي ٿيو. ان جو مکيه سبب گهربل حڪمت عملي نه هئڻ آهي، نه ته ان کان اڳ جڏهن هي زراعت کاتو وفاق جي ماتحتي ۾ هو تڏهن ته ايترو رڙ نه هئي، هاڻي جڏهن ته کاتو صوبي جو ٿي ويو، نه رڳو کاتو اڪيلي سر منتقل ٿيو پر ان جا اثاثا، فنڊ به صوبي جي سرڪار کي ملن ٿا ۽ هر سال 4 کان 5 سيڪڙو فنڊن ۾ اضافو ڪري پورا منتقل ڪيا وڃن ٿا پر زرعي ادارا غير فعال آهن، 18 هين ترميم کان اڳ وفاقي حڪومت جو رڳو هڪ ادارو ايگريڪلچر پاليسي انسٽيٽيوٽ زرعي پيشه ماڻهن لاءِ ڇپر ڇانو بڻيل هو جيڪو وقت تي نه رڳو 4 مک فصلن جا امدادي اگهه مقرر ڪندو هو پر انهن فصلن جي خريداري به اهو اداروئي ڪندو هو. هاڻ سنڌ حڪومت گذريل 7-8 سالن کان قصي ڪي جيئن جو تيئن هلائي رهي آهي. ڪڏهن اتر سنڌ مان سارين جا آبادگار رڙيون ڪري رهيا آهن ته ڪڏهن لوئر سنڌ جي ڪمند جا آبادگار سراپا احتجاج بڻيل آهن. اهڙا سنجيده معاملا عالمي سطح تي اٿڻ باوجود ارڙهين ترميم جو ڪارنامو سرانجام ڏيڻ وارن جي مٿي تي ڪا جونءِ به نٿي سري، جنهن سان سنڌ جي زرعي معيشت جو نقصان جيترو گذريل ٽن چئن سالن ۾ ٿيو آهي اوترو اڳ ۾ ڪڏهن نه ٿيو آهي، سنڌ ۾ ڪنهن به زرعي جنس جو امدادي اگهه فصل لهڻ کان اڳ مقرر نه ڪرڻ سبب صوبي جو اڪثريتي عوام جيڪو زراعت سان واڳيل آهي سخت مالي مشڪلاتن جو شڪار آهي.

سرڪاري انگن اکرن موجب سنڌ ۾ اهڙي صورتحال سبب زرعي پيداوار ئي گهٽجي وئي آهي، جنهن جو نقصان به سنڌ جي آبادگارن ۽ هارين کي برداشت ڪرڻو پيو آهي، ڪمند، ڪپهه، ساريون، ڪڻڪ جا مک فصل هجن يا ايڪڙن ۾ ويسن تي پاڇيون پوکيندڙ آبادگار هاري هجن سندن جنس به ٽڪو ملهه هجي ٿو ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ مارڪيٽ ڪميٽين جو وجود صرف ڪاغذن ۾ آهي، جنهن جي ڪري اوپن مارڪيٽ ۾ وڏ کان وڏ استحصال ننڍي آبادگار هاريءَ جو ٿئي ٿو جڏهن ته سنڌ جو ٽماٽو مارڪيٽ اچي ته اگهه 10 رپيا ڪلو ٿي وڃي ٿو ۽ پنجاب جو ٽماٽو سنڌ تائين پهچي ته اگهه 100 کان چڙهي 200 رپين تائين پهچي وڃي ٿو اها ساڳي ويڏن نه رڳو ٽماٽي سان پر بصر هجن يا پيندبيون، واڱڻ، پٽاٽا هجن مارڪيٽن ۾ اهڙو ڪو نظام ناهي جنهن سان مقامي آبادگار هاري ڪي ڪي به چار رپيا منافعو ٿي سگهي، ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته 18 هين ترميم جي نعمتن کي عوام جي ڀلي لاءِ اجا وڏيڪ آسان ڪرڻو هو هڪ مثالي صوبائي خودمختياري جو اهو مطلب نٿو ٿي سگهي ته اسان رڳو ڪاغذن جي حد تائين ڪارناما سرانجام ڏيون پر اهڙي صوبائي خودمختياري هجي جتي هارين کي فصل پوکڻ مهل اگهه جو اونو نه هئڻ گهرجي، ادارن کي اهڙي طرح موثر بڻايو وڃي ته امدادي اگهه مقرر ڪرڻ وقت ڪنهن ڇڪتاڻ بدران خوش اسلوبي سان معاملا نبيرجي وڃن. ايگريڪلچر پاليسي انسٽيٽيوٽ جهڙن ادارن کي الرٽ ڪري هنگامي بنيادن تي عوام دوست، هاري دوست زرعي پاليسي ٺاهي وڃي، جنهن لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان تجويزون ورتيون وڃن، ان قسم جو مڪينزم جڏهن جڙي ويو ته سنڌ جي قسمت به ضرور بدلجي ويندي.













محمد حسين ٽالپر دلشاد صاحب ٻہ ڪتاب جو جائزو وٺندي لکيو آهي تہ ڊاڪٽر منصور صاحب سنڌي ٻولي سان چاهہ رکندڙ دوستن کي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي .ڪتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي پهرين بابت ۾ ڊاڪٽر منصور صاحب لکي ٿو تہ سنڌ ماٿري جو خطو وسيع رهيو آهي جنهن ۾ سويم ٻولين جنم ورتو آهي ، هن باب ۾ سنڌو تهذيب جو ٻين تهذيبن سان ڀيٽيو ويو آهي خاص ڪري مصر جي تهذيب سان ، ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ مصر جي تهذيب موهن جي دڙي کان وڌيڪ سڌريل نہ هئي. هن لکيو آهي تہ پروفيسر لئگڊن پڻ تائيد ڪئي آهي،چاڪاڻ تہ 3500 ق م واري سنڌو لکت ايلسي لکت جي ايتري ويجهي آهي جو شڪ پوي ٿو تہ شايد ٻنهي جو بڻ بنياد ساڳيو هجي . وڌيڪ لکي ٿو تہ سنڌو ماٿري جون لکت واريون نشانيون ۽ دنيا جي ٻين ماڳن تان ملندڙ لکت وارين نشانين ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙيون نشانيون آهن.ٻولي جي ماهرن نشانين جا مختلف آواز جوڙي انهن کي لپين ۾ استعمال ڪيو آهي .لکيڪ هن باب ۾ براهمي ۽ سنڌي جي آوازن واريون نشانيون بہ ڏنيون آهن. ليکڪ موهن جي دڙي ۾ مليل جانورن جون شڪليون ۽ انهن مٿان مختلف لکتن واريون نشانيون آهن اهي بہ شايع ڪيون آهن . جي آر هنٽر جي ڪتاب جا حوالا بہ ڏنا آهن . اسپيني ٻولي جا آواز جا ڪجھ لفظ بہ ڏنا آهن. پهرين باب ۾ ڪلنگا لپي بابت ڄاڻ ڏني وئي




آهي .يونان جي صوتياتي نشانيون بہ ڏنيون آهن. ان ڪانسواءِ حبشي ٻولي جو بہ ذڪر ٿيل آهي. ڪتاب جي ٻئي باب ۾ سنڌو ماٿريءَ جا آواز وا،ش ،گ ،ھ بابت آهي . عراق جي قديمي ماڳ بابت بہ لکيو ويو آهي تہ اتان بہ هڪ واپاري جي گهر مان جيڪي 25 مهرون مليون آهن انهن جو تعلق بہ موهن جي دڙي سان آهن. قديم لکتون وا wa بابت تفصيل ڏنو ويو آهي. موهن جي دڙي جي ٻتي نشاني جا آواز بابت تفصيل لکيو ويو آهي.



باب ٽئين ۾ يوڪرين ٻولي بابت بہ ڄاڻ ڏني وئي آهي . سربين لپي جا آواز ۽ الفابيٽ جو چارٽ بہ ڏنو ويو آهي . ان سان گڏ گريڪ ٻولي جي پرونننسيئيشن جو چارٽ بہ شامل ڪيو ويو آهي.

ليکڪ باب چوٿين ۾ سنڌي ٻولي جي آواز جا گهرڙا ۾ منصور صاحب لکي ٿو تہ امريڪا ۾ ڪم ڪندي يوڪرينن ۽ ٻين ملڪن جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ، جن سان پنهنجي ٻولي تي بحث ٿيندو آهي ۽ ليکڪ مختلف لفظن تي بحث ڪري ٿو اهو بہ پڻ ڄاڻايو آهي. جنهن ۾ يوڪرين جي الفابيٽ بہ ڏني آهي جيڪي موهن جي دڙي مان ملندڙ نشانين سان ڪجھ ملن ٿيون . هن باب ۾ تقريبن يوڪرين ٻولي تي بحث ٿيل آهي .

ليکڪ باب پنجين ۾ آواز ز 3 واري نشاني 3 جهڙي آهي ، ڊاڪٽر منصور صاحب لکي ٿو تہ سنڌو ماٿري جي ڪيترين ٻولين جي لپين ۾ آوازن واري حيثيت سان موجود آهي جيئن ٺڪر لِپي سنڌو ماٿري جي علائقي جي ٻولي آهي. هن باب ۾ ليکڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي صورتخطي ڪتاب جا حوالا بہ ڏنا آهن. هن باب ۾ سربين لکت ۾ انگريزي ۾ معنيٰ جو چارٽ بہ ڏنو ويو آهي .سنڌي ۽ تاجڪ ٻولي تي بہ بحث ٿيل آهي .




ليکڪ باب ڇهين ۾ سنڌي لپيءَ ۾ قديم لکت واريون نشانيونَ ۽ آواز تي تحقيق ڪئي آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي ٿيسز جا حوالا ڏنا ويا آهن. هن ۾ سنڌي رسم الخط جو چارٽ بہ ڏنو ويو آهي. خواجڪا اکرن جي پٽي جو چارٽ بہ ڏنو ويو آهي . هن باب ۾ آواز ۽ انگ واريون نشانيون جو جائزو پڻ ورتو ويو آهي . ڊاڪٽر منصور ٿلهو صاحب جي ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي اياز ڀاڳت صاحب سچ لکيو آهي تہ هي ڪتاب بہ انهي سلسلي جي ڪڙي آهي تہ هڪ ڏينهن اسان مهين دڙي جي لکت وارين نشانين جون پڙهڻيون ملي ويندين بلڪل ڊاڪٽر منصور صاحب ٻولين تي تحقيق ڪارگر ثابت ٿيندي چاڪاڻ تہ ننڍو ٻار جڏهن ٻانبڙا پائيندو آهي تہ آهستي آهستي پنڌ بہ ڪرڻ شروع ڪندو آهي ان ڪري ڊاڪٽر صاحب بہ ٻولين تي تحقيق جيڪا شروع ڪئي آهي اها هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائيندي ۽ اسان موهن جي دڙي واري ٻولي کي سمجهي سگهنداسين.



# مصنوعي ذهانت ۽ ڪمپيوٽنگ ۾ پاڪستان جو مقام

سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي دنيا ۾ ڇيو وڃي تہ اسان چوٿين صنعتي ترقي جي دروازي تي بيٺا آهيون پهريون صنعتي انقلاب 1760ع کان 1840ع تائين مشيني پيداوار جو دور ڪٽي آيو اهو لوهہ ۽ اسٽيل جهڙن مادن جو نتيجو هيو جو ڪوئلي ۽ ٻاڦ وسيلي نئين توانائي جي ذريعن جو واڌارو ٿيو ۽ پيداواري واڌ لاءِ فيڪٽرين جي نظام سان گڏ محنت جي ورهاست بہ عمل ۾ آئي ٻيو صنعتي انقلاب 1870ع کان 20هين صدي جي شروعات تائين جاري رهيو جنهن جي نتيجي ۾ بجلي ۽ اندروني احتراق واري انجڻ (Internal combustion engine) سامهون آئي ٻئي مشينون طاقتور ٽرانسپورٽ جو باعث بڻيون ان کان علاوه پهريون دفعو ٽيليفون ۽ ٽيليگرام سان پيغامن جي رسائي ممڪن ٿي ۽ هن ۾ پيغام پهچائيندڙ جو اتي پهچندڙ ڪوجسماني عمل دخل ڪونہ هيو انساني خدمت ڪندڙ مشينون جيئن طبعي طور انساني ڪم مشينن جي حوالي ٿيا ۽ ان سان گڏوگڏ اسان جي اردگرد نوان خيالات تيزي سان ايرڻ لڳا وڏي پئماني تي پيداواري فائدا حاصل ٿيا ۽ اڄ جي وسيع تصرف واريون راهون کلي آيون 60 سالن بعد جيڪو ٽيون انقلاب آيو اهو انفارميشن ٽيڪنالوجي جو ڊجيٽل انقلاب هيو ۽ توهان جيڪي هي سٽون پڙهي رهيا آهيو توهان منجهان ڪيترن ڪثرت سان ان ٽيڪنالوجي جو مشاهدو بہ ڪيو آهي هي سيمي ڪنڊيڪٽر، مين فريم ڪمپيوٽنگ، سيليڪون، پرسنل ڪمپيوٽنگ، سيل فونز ۽ انٽرنيٽ ان جي وسيع پذيرائي آهن گڏريل ٻن ڏهاڪن کان ورلڊ وائيڊ ويب ، سينسرز ۽ ڪئميرائن سان گڏ ڊيٽا حاصل ڪرڻ ۽ اسٽوريج وڌائڻ جي صلاحيت جيڪو غيرمعمولي اضافو ڪري ڏنو آهي ان جو تجزيو ڪرڻ ڏاڍو محال ٿو ڏسجي چوٿون صنعتي انقلاب هاڻي شروع ٿيو آهي ۽ پاڪستان کي ان تبديلي کي پنهنجو ڪندي ان جي ثمر مان فائدو وٺڻ گهرجي گذريل ڪجھ ڏهاڪن جي ٽيڪنالوجي واري ڊيٽا گڏ ڪندي ۽ پوءِ ملي سيڪنڊن ڪي



اربن جي تعداد ۾ مداخلت سان مفيد معلومات اخذ ڪرڻ جي صلاحيت غيرمعمولي طور وڌي رهي آهي اها بنيادي طور ڏهن مختلف شعبن ۾ ايرندڙ ٽيڪنالوجي جي ڪاميابي سان سجاتي وڃي ٿي جنهن ۾ مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence "AI")، روبوٽڪس، انٽرنيٽ آف ٿنگس، 5G براڊبينڊ، 3D پرنٽنگ، خودڪار وهيڪلز، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، بلاڪ چين، دوائون ۾ بائيوٽيڪنالوجي جو استعمال ۽ مٿين درجي جي حقيقت (Augmented Reality) شامل آهن

مشهور ليڪڪ ڪلاز شواب پنهنجي ڪتاب دي فورٿ انڊسٽريل ريووليوشن` ۾ لکي ٿو تہ اڳين صنعتي انقلابن انسان کي جانورن جي طاقت تي ڀاڙڻ کان نجات ڏياري، وسيع پيداوار ممڪن بڻائي ۽ ماڻهن ۾ ڊجيٽل استعداد پيدا ڪيو پر چوٿون انقلاب بنيادي طور مختلف آهي هن ۾ مختلف نئين قسم جي ٽيڪنالوجي شامل آهي جنهن ۾ فزيڪل، ڊجيٽل، بايولاجيڪل، دنيا يڪجاء ٿيل آهي ۽ سمورن شعبن، معاشيات ۽ صنعتن تي اثرانداز ٿيڻ سان گڏ انهن متعلق تصورن کي بہ چئلينج ڪري رهي آهي

انسان لاءِ استدلال سڀ کان وڏي طاقت رهي آهي پر هاڻي اها بہ مشينن ۾ بدلجي سگهي ٿي ڇو جو اهڙي رفتار سان عمل ۾ اچي رهي آهي جنهن جو اڳ ۾ تصور ئي نہ ڪيو ويو هيو اڳ ۾ ڊيٽا گڏ

# گلوبل دنيا کي ڪيئن ڏسجي؟



ابراهيم لنڪن چيو هو ته ماڻهن کي ٿوري دير لاءِ بيوقوف ٺاهي سگهجي ٿو. ڪجهه ماڻهن کي هميشه بيوقوف ٺاهي سگهجي ٿو. پر سڀني ماڻهن کي هميشه لاءِ بيوقوف نٿو ٺاهي سگهجي . بلڪل اهڙي طرح گلوبل دنيا جو تصور عالمي مارڪيٽ ۽ عالمي سامراجي تصور هڪ اهڙو دوکو آهي جيڪو ڪجهه وقت ته بهترين لڳو، ماڻهو کي خبر نه پئي ته هي خوبصورت ٽيڪنالوجي جو خوبصورت لبرلزم جو تصور ڪيترو انسان لاءِ هاڃيڪار آهي. دنيا ۾ 1930ع کان ٽي اهم نظام ٽڪراءَ ۾ اچي رهيا هئا. هڪ فاشزم، ٻيو لبرلزم (جمهوريت ۽ سرمائيداري) ٽيون ڪميونزم. 1945ع ۾ فاشزم کي شڪست اچي ويئي. دنيا ٻن ڪئمپن ۾ ورهاجي ويئي. عالمي جنگ جي نتيجي ۾ اڌ دنيا سوشلسٽ ڪيئمپ ۾ شامل ٿي ويئي . سرمائيدار کي اهو احساس ٿيو. ته جنگ سندس فائدي ۾ ناهي. جي ٽي عالمي جنگ لڳي دنيا سڄي ڪميونسٽ ڪئمپ ۾ تبديل ٿي ويندي. انهي ڪري هنن سرد جنگ جي شروعات ڪئي. جديد ٽيڪنالوجي کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪيو. 1980ع کان ڪمپيوٽر جي ايجاد، انٽر نيٽ ۽ موبائل جي ايجاد. سوويت يونين جي لاءِ مقابلي جو نئون دور شروع ٿيو. ٻئي طرف سرمائيداري مقابلي ۾ سوشلسٽ دنيا پوئتي رهجي ويئي. 1995ع کان پوءِ دنيا ۾ صرف عالمي سرمائيداري جو نظام وڃي رهيو. جنهن کي لبرلزم جي خوبصورت نعري ۾ ويڙهي سامراج دنيا تي حاوي ٿي ويو. اها ئي جمهوريت جيڪا سامراجي قوتن لاءِ خطرناڪ هئي. اها روح روان ٿي ويئي . انٽرنيٽ جي سهولت سڄي دنيا ۾ عام ٿي ويئي، جنهن ڪري روز ڳانڍاپي لاءِ نوان سافٽ ويئر ٺهڻ لڳا. فيس بڪ کا ن وٺي ٽيوٽر، واٽس اپ، يو ٽيوب وغيره هزارين سافٽ ويئر ڪمائي جي ميدان ۾ اچي ويا. ان کان علاوه سرمائيداري مارڪيٽ ۾ تيزي سان نيون شيون ٺهڻ لڳيون ايجادن جي ڀرمار ٿيڻ لڳي اهڙيون شيون مارڪيٽ ۾ اچڻ لڳيون جن جو خيال به اسانجي ذهن ۾ ناهي نه وري اهڙيون شيون اسانجي ڪا ضرورت آهن، پر مارڪيٽ جو تصور اهو وڃي بيٺو ته ايجاد ضرورت جي ماءُ آهي. پهرين شيءِ ايجاد ڪريو پوءِ مارڪيٽ ۾ آڻي ماڻهن جي ضرورت بنايو. نتيجو اهو نڪتو ته انسان مارڪيٽ جي وس ۾ ٿي پيو. يعنيٰ انساني ذهن هيڪ ٿي ويو. جيئن مارڪيٽ چوي تيئن ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري انسان جي زندگي ۾ گلوبل دنيا سندس ذاتي زندگي ختم ڪري ڇڏي. نه صرف ايترو پر بايو ٽيڪنالوجي ۽ انفو ٽيڪنالوجي هائبرڊ دنيا متعارف ڪرائي . جنهن ۾ کاڌا به هائبرڊ، ٻج ۾ هائبرڊ، هائبرڊ ٻجن اسان جي زراعت تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏي، زميدار ڪمائي جي هوس ۾ هائبرڊ ٻج استعمال ڪندي پنهنجا اصلي ، ديسي ٻج وڃائي ويٺا. جنهن ڪري هڪ ته زمينون طاقت ڇڏي ويون. ٻيو ته هائبرڊ ملٽي نيشنل ڪمپنين دنيا جي زراعت کي پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو. هاڻي هارين وٽ ٻج ته آهن ئي ڪونه. اسان ڪاڏي جي لاءِ ڪمپنين جا محتاج ٿي پيا سين. هاڻي هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جو ملٽي نيشنل ڪمپنيون توهان کي غلام بنائي رکڻ لاءِ پنهنجي شرطن تي ٻج ڏينديون گلوبل دنيا ۾ ٽيڪنالوجي جي ڀرمار ۾ حقيقت کان مٿانهين حقيقت ئي معيار آهي تنهن ڪري صرف تصور اپاريو ميڊيا ذريعي انهي جي اشتهار بازي ڪريو. ۽ مارڪيٽ فتح ڪريو. هاڻي دنيا ۾ هيرو ٿيڻ لاءِ توهان کي محنت يا جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت ناهي. صرف پنهنجي چالبازي جي ذريعي پنهنجو اشتهار ڪريو اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي پاڻ کي مشهور ڪريو. مثبت يا منفيت کي وساري ڇڏيو. توهان صرف مارڪيٽ ۾ مشهور ٿيو توهانجي مارڪيٽ ٺهي ويندي. اهو آهي حقيقت کان مٿانهين حقيقت جو تصور . انهيءَ مقابلي ۾ چين اڳتي نڪري ويو. مارڪيٽ تي قبضو ڪندو ويو. جنهن ڪري آمريڪا جو سپر تصور لاءِ خطرو پيدا ٿي ويو . اهو ئي سبب اهي جو ڊونالڊ ٽرمپ آمريڪن نيشلزم جو نعرو لڳايو. ڏٺو وڃي ته برطانيا جو يورپي يونين کان ڌار ٿيڻ ، آمريڪا ۾ نيشلزم جو نعرو لڳڻ گلوبل وليج جي خلاف پهرين بغاوت آهي.

هن وقت هر طرف کان دنيا تبديل ٿي رهي آهي، هي هڪ اهڙو عبوري دور آهي جيڪو جنهن ۾ انسان جي نسلي تبديلي اچي رهي آهي. دنيا ۾ جاگرافي جي تبديلي اچي رهي آهي. دنيا ۾ سماج تبديل پيا ٿين. اخلاق، قدر، ڪلچر سڀ تبديل ٿي رهيا

# 501 Degrees Awarded at the 17th Convocation of Greenwich University




















KARACHI:(www.thenewslark.com) A total of 501 students were awarded degrees in various disciplines at the 17th Convocation of Greenwich University, held at the Governor House, Karachi. The graduating class included 362 undergraduates, 82 graduates, and 57 postgraduates.

Gold Medals were awarded to 35 students in recognition of their outstanding academic performance.

The theme of the convocation, "Fasal-e-Gul," symbolizes renewal and growth, and aims to rejuvenate a positive image of our beloved country among the youth.

At the convocation, honorary degrees (Honoris Causa) were conferred upon Senator Abdul Haseeb Khan, owner of Brookes Pharma; Senator Sarmad Ali, President of APNS and Managing Director of the Jang & Geo Group; Jerjees Seja, CEO of ARY Digital Network; and Zafar Masud, CEO of the Bank of Punjab, in recognition of their remarkable contributions to their respective fields.

On this occasion, gold medals were given to the Consul Generals of various countries.

The Sindh Governor, Kamran Tessori, graced the occasion as the Chief Guest. While congratulating the graduates, he stated that the nation looks to its youth for future progress and development. He appreciated the efforts of Greenwich University in promoting academic excellence, building leadership skills, and preparing students for the challenges of the modern world.

The Chancellor of Greenwich University, Dr. Seema Mughal, in her address, said that for four decades the university has remained committed to education by continuously evolving, adapting, and serving generations of students. She highlighted that the university has carried out extensive work in sustainable development across social, economic, and environmental domains at national, regional, and global levels.

Dr. Seema Mughal further remarked that behind every graduate standing there are years of patience, sacrifice, prayers, and unconditional support from their parents, whose role is fundamental in shaping the success of their children.



Editor: M. Nafees Naeem, Printer: Qayyum Khan, Dhoom Printing Press, Publisher: Jawed Ahmed Malik, published from Clifton Shopping Galleria, UF-12, Behind PSO House, Clifton, Karachi. Email: jamlik11@yahoo.com
Legal Advisor: Tajammul H. Lodhi & Associates Nousheen Khan Tajammul (0300-8204166, 0310-3487925)